Reg No 2677
ABC Certified
ايڈيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي

جلد :12 | جمع 29 ڊسمبر 2023ع بمطابق 15 جمادي الثاني 1445ھ | شمارو:79 | قيمت 10 روپيا

فوج چونڊن ۾ اليڪشن ڪميشن کي گهربل تعاون فراهم ڪندي: ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ فيصلو

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ ٿيندڙ 261هين ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس منعقد ٿي

ڪانفرنس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پاڪ فوج عام چونڊن ۾ اليڪشن ڪميشن کي گهربل ۽ ضروري تعاون فراهم ڪندي

ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ دهشتگرد گروپن جون پاڙيسري ملڪن ۾ محفوظ پناهه گاهن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

پاڙيسري ملڪ سان دهشتگردي جي ڪارروائين ۽ جديد ترين هٿيارن جي موجودگي کي پاڪستان جي سيڪيورٽي لاءِ خطرو قرار ڏنو

پاڪستان کي غير مستحڪم ڪندڙ دشمن طاقتن جي اشاري تي ڪم ڪندڙ ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪندڙ عناصرن خلاف طاقت سان منهن ڏنو ويندو : ڪانفرنس ۾ شرڪت جو عزم

ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ فلسطيني عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ غزه ۾ انساني حقن جي سنگين پيچڪاڻ ۽ جنگي ڏوهن جي مذمت ڪئي وئي : آءِ ايس پي آر

راولپنڈي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته پاڪ فوج عام چونڊن ۾ اليڪشن ڪميشن کي گهربل ۽ ضروري تعاون ڏيندي. آءِ ايس پي آر مرجب آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ ٿيندڙ 261هين ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پاڪ فوج عام چونڊن ۾ اليڪشن ڪميشن کي گهربل ۽ ضروري تعاون فراهم ڪندي. ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ دهشتگرد گروپن جون پاڙيسري ملڪن ۾ محفوظ پناهه گاهن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ پاڙيسري ملڪ سان دهشتگردي جي ڪارروائين ۽ جديد ترين هٿيارن جي موجودگي کي پاڪستان جي سيڪيورٽي لاءِ خطرو قرار ڏنو



راولپنڈي: آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور ڪمانڈر ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

نامزدگي ڪاغذ ڪسيندڙن کي سپ سجاڻين ٽا : پ پ چيئرمين

8 فيبروري تي سرپرائيز ڊيٽ جو اعلان، خان کي توبهه ڪرڻ گهرجي: بلاول

پ پ جي چونڊ مهم جاري آهي، عوام پ پ کي ووٽ ڏيندو، اسان سڄي سنڌ ۾ ترقياتي ڪم ڪيا، شهيد بي بي جي ورسي تي 10 نڪاتي منشور پيش ڪيو آهي

موقعو ملیو ته ان تي ضرور عمل ڪنداسين. ،اسان تخت لاهور مان چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن لاهور ووٽ ٻيو به آپشن هجي

اسان نٽا چاهيون ته وري ڪو ڪيڏاري اچي ۽ ڪنهن بوزدار کي مڙهيو وڃي. شاهه محمود قريشي جي گرفتاري جي اڳ به مذمت ڪئي ۽ هاڻ به ڪيان ٿو

چا پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي پنهنجي موقف کي تبديل ڪيو؟ سپ کان اڳ عمران خان کي توبهه ڪرڻ گهرجي

تحريڪ انصاف کي پنهنجي قدمن تي معافي ونڊڻ گهرجي : پ پ چيئرمين جي گهوٽڪي ۾ پريس ڪانفرنس

گهوٽڪي (رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري چيو آهي ته نامزدگي ڪاغذ ڪسيندڙن کي سپ سجاڻين ٽا، اسان 8 فيبروري تي وڏو سرپرائز ڏينداسين. گهوٽڪي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بلاول پٽو زرداري چيو ته پ پ جي چونڊ مهم جاري آهي، عوام پ پ کي ووٽ ڏيندو، اسان سڄي سنڌ ۾ ترقياتي ڪم ڪيا، شهيد بي بي جي ورسي تي 10 نڪاتي منشور پيش ڪيو آهي، موقعو ملیو ته ان تي ضرور عمل ڪنداسين. هن جيو ته اسان تخت لاهور مان چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن لاهور ووٽ ٻيو به آپشن هجي. اسان نٽا چاهيون ته وري ڪو ڪيڏاري اچي ۽ ڪنهن بوزدار کي مڙهيو وڃي. سنڌس چوڻ /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 01

سنڌ ۾ ايم پي اي جي چونڊ وڙهندڙ 2 اميدوارن جا پاڻ ۾ امڙ وزير ۽ سيڪريٽري هجڻ جو انڪشاف

متحده پنهنجي لسٽ ۾ مهيش هاسيجا کي پهرين نمبر تي نامزدگي ڏني

منظور وسان، جاويد شاهه جيلاڻي ۽ بچل شاهه جيان پ پ کي ٽڪيٽ لاءِ درخواست پڻ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ايم پي اي جي چونڊ وڙهندڙ 2 اميدوارن جا پاڻ ۾ امڙ وزير ۽ سيڪريٽري هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهيان ڏس ۾ /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 10

شاهه محمود قريشي کي 14 ڏينهن جي جديشل رمانڊ تي اڊيالا جيل اماڻيو ويو

ڊيوٽي ماجسٽريٽ جهانگير علي جي عدالت شاهه محمود قريشي جي جسماني رمانڊ بابت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو هو

راولپنڈي پوليس شاهه محمود قريشي کي هڪڙين هڪي عدالت ۾ پيش ڪيو ۽ 30 ڏينهن جي جسماني رمانڊ جي استدعا ڪئي

اسلام آباد(م ڊ) اسلام آباد جي عدالت 9 مئي جي واقعن واري ڪيس ۾ گرفتار شاهه محمود قريشي کي 14 ڏينهن جي جديشل رمانڊ تي اڊيالا جيل اٽڪ ڊيرتي ماجسٽريٽ جهانگير علي جي عدالت شاهه محمود قريشي جي /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 09



اسلام آباد: جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي



گهوٽڪي: پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري مهر پائرن سان گڏ ويٺل آهي

اسان جو ڪو به ڪارڪن شهيد ٿيو ته چيف جسٽس ۽ اليڪشن ڪميشن ذميوار هوندا: مولانا فضل الرحمان

ملڪ اسلام جي نالي تي حاصل ڪيو ويو هو. 75 سال گذري ويا، پاڪستان کي اسلامي ملڪ جي سيڪاٽ ڏني وڃي

عوام سان اسان جو رابطو ۽ تعلق نظريات جي بنياد تي آهي. نائن الیون کان پوءِ حڪمرانن جي ترجيحات اسلامي پاڪستان نه رهي آهي

اميدوارن کان نامزدگي ڪاغذ ڀرڻ اصولي طور تي غلط آهي، پي ٽي آءِ سان زيادتي نه ٿي رهي آهي : اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته هن وقت ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر نه آهي جيڪڏهن منهنجو ڪو ڪارڪن شهيد ٿيو ته چيف جسٽس ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر ذميوار هوندا. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جي يو آءِ اڳواڻ مولانا فضل الرحمان چيو ته ملڪ اسلام جي نالي تي حاصل ڪيو ويو هو. 75 سال گذري /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان جو هاڻوڪو معاشي ماڊل ناڪاره ٿي چڪو آهي: عالمي بينڪ

معاشي ترقيءَ جا فائدا رڳو مٿيئن طبقي تائين محدود آهن

پاڪستان پنهنجي ساڻي ملڪن جي معاشي ماڊلز کان پٺتي رهجي ويو آهي

ملڪ جي ناڪام معاشي پاليسين کي تبديل ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (م ڊ) عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر تاجي بنهسائن دعويٰ ڪئي آهي ته پاڪستان جو هاڻوڪو معاشي ماڊل ناڪاره ٿي چڪو آهي. معاشي ترقيءَ جا فائدا رڳو مٿيئن طبقي تائين محدود آهن پنهنجي /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 05

عام چونڊون، حنا شاهه جيلاني به ميدان ۾ اچي وئي، وڏو اعلان

وڏو سائين بزرگ ٿي ويو آهي پر سيٽ ڇڏڻ جو نالو نه پيو وٺي: حنا شاهه

هو نه آرام جو سوچي رهيو آهي ۽ نه اسان کي موقعو ڏئي رهيو آهي

اسان کي پ پ ۽ محترمه بينظير پٽو سان عشق آهي پر ٽڪيٽ نه پئي ڏني وڃي

خيرپور (رپورٽر) پ پ اڳواڻ قائم علي شاهه جي پاٽي حنا شاهه جيلاني پي ايس 26 تي آزاد حيثيت ۾ پنهنجي چاچي سان مقابلو ڪندي حنا شاهه جيلاني به ايس 26 تي آزاد حيثيت ۾ پنهنجي چاچي سان مقابلو ڪندي. حنا شاهه جو ته وڏو سائين بزرگ ٿي ويو آهي پر سيٽ ڇڏڻ جو نالو نه پيو وٺي. هو نه آرام جو سوچي /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 08

ايم ڪيو ايم (ن) ليگ سان قومي جي 5 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 10 سيٽن تي ڳالهين لاءِ راضيو ظاهر ڪري ڇڏيو

ايم ڪيو ايم اين اي 243 ڪياماڙي، اين اي 229، 230 ۽ 231 ملير جي سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي ڳالهين جي لاءِ تيار آهي : ذريعا

پنجن قومي اسيمبلي جي سيٽن ۾ ايندڙ 10 صوبائي سيٽن تي به ايم ڪيو ايم ڳالهين جي لاءِ تيار آهي

ڪراچي (م ڊ) عام چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم ۽ مسلم ليگ(ن) وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي معاملي تي اهم اڇيرائي ٿي آهي. ذريعن موجب ڪراچي مان قومي اسيمبلي جي 10 سيٽن تي ايم ڪيو ايم مسلم ليگ(ن) سان ڳالهين لاءِ تيار آهي ذريعن ٻڌايو آهي ته اين اي 229، 230 ۽ 231 ملير جي سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 06

اليڪشن ڪميشن فواد حسن فواد کي عهدي تان هٽائڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

فواد حسن فواد نجڪاري جو وزير آهي، نجڪاري جو هڪ وزير چونڊ عمل تي ڪيئن اثر انداز ٿي سگهي ٿو: اليڪشن ڪميشن

فواد حسن فواد نوازليگ جو ماڻهو آهي، نگران وفاقي وزير طور هو چونڊ عمل تي اثر انداز ٿي سگهي ٿو : درخواستگذار ساڻئي ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي حڪم تي نگران وزيراعظم جو صلاحڪار احد چيما برطرف ٿي چڪو آهي



نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد کي عهدي تان هٽائڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي آهي اليڪشن ڪميشن /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 17

جنگي تيارين تيز ڪرڻ جو حڪم، آمريڪي جارحيت کي منهن ڏيڻ لاءِ جونگ جوهري هٿيارن جي شعبي کي پيداوار وڌائڻ ۽ جنگي تيارين تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا

جنگي تيارين وڌائڻ جو مقصد آمريڪا جي ڪنهن به جارحاڻي قدم کي منهن ڏيڻ جواب ڏيڻ آهي : اتر ڪوريا اڳواڻ

پيانگ يانگ (م ڊ) اتر ڪوريا جي سربراهه ڪم جونگ اُن فوج کي جنگي تيارين تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. پرڊيهي خابرو اداري جي رپورٽ موجب جونگ اُن هاران هٿيار ٺاهيندڙ ادارن ۽ جوهري هٿيارن جي شعبي کي پيداوار وڌائڻ /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ شاهه محمود خلاف ريفرنس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب سائفران ڪيمرا ٽرائل خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

هن وقت تائين ڪيترين شاهدن جا بيان مڪمل ٿي چڪا آهن؟ (عدالت) ڪل 27 شاهدن مان 25 جا بيان قلمبند ٿي چڪا آهن : وڪيل

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ شاهه محمود خلاف ريفرنس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب سائفران ڪيمرا ٽرائل خلاف درخواست /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 25

اسان جو انتقام صيحوني رياست جي خاتمي سان بند ٿيندو: ايران

ايران پنهنجي شهرين جي موت کي وساري نٿو سگهي، اسان جو بدلو ڏيو خوفناڪ هوندو : جنرل حسين سلامي

7 آڪٽوبر تي اسرائيل خلاف طوفان الاقصي جو آپريشن مڪمل طور تي فلسطيني آپريشن هو جيڪو خود فلسطينين طوفان ڪيو ويو هو

ظلم ۽ بربريت جو ردعمل هو هن چيو ته طوفان الاقصي آپريشن غزه ۽ ويسٽ بئنڪ جي مظلوم فلسطينين جي سڃي آواز طور سامهون آيو

تهران (م ڊ) ايران جي پاسداران انقلاب جي سربراهه جنرل حسين سلامي چيو آهي ته صيحوني رياست جي خاتمي سان اسان جو انتقام بند ٿي ويندو. ايران جي راڄڌاني تهران ۾ جلسي کي خطاب ڪندي جنرل حسين سلامي چيو /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 26

هلندڙ سال پاڪستان لاءِ سفارتي لحاظ کان اهم رهيو: ممتاز زهرا بلوچ

پاڪستان جي اعليٰ قيادت جي دورن سان مختلف ملڪن سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا

پاڪستان ۽ روس جا لاڳاپا وقت سان گڏ وڌيڪ مستحڪم ٿي رهيا آهن

پارٽي سيڪيورٽي فورسز هٿين خالي ڪشميرين کي نشانو بڻائي رهي آهي

اسلام آباد(م ڊ) پرڊيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته هلندڙ سال پاڪستان لاءِ سفارتي لحاظ کان اهم رهيو. پاڪستان جي اعليٰ قيادت جي دورن سان مختلف ملڪن سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا. پاڪستان /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 27



اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ آڳوئي سيڪريٽري رياض ڪوڪر جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت ڪندي

سيد ٽينٽ سٽي کي ڌاهڻ لاءِ آپريشن، لٽبازي، ڪيترائي زخمي

ناردرن بائي پاس تي گلشن سيد ٽينٽ سٽي کي ڌاهڻ لاءِ آپريشن، ٻوڏ متاثرن طرفان سخت مزاحمت ڪئي وئي

پوليس ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس ٻوڏ متاثرن تي لاٺي چارج ڪري ڏني. شيلنگ ۽ هوائي فائرنگ، ڪيترائي متاثر زخمي ٿي پيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ناردرن بائي پاس تي گلشن سيد ٽينٽ سٽي کي ڌاهڻ لاءِ آپريشن، پوليس ۽ عملي جي لٽبازي ۾ ڪيترائي زخمي ٿي پيا ناردرن بائي پاس تي گلشن سيد ٽينٽ سٽي کي ڌاهڻ لاءِ آپريشن، ٻوڏ متاثرن طرفان سخت مزاحمت ڪئي /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 30

دادو: سيتا پرسان ڪارنهن الزام هيٺ ڇهن ٻارن جي ماءُ قتل، جوابدار گرفتار

دادو (رپورٽر) سيتا روڊ شهر پرسان جوهي برانچ ڪ تي مبينا ڪارنهن الزام هيٺ ڇهن ٻارن جي ماءُ بينظير قمبراڻي کي سنڌس ماءُ جي گهر اندر مڙس ۽ قتل ٿيل عورت جي پاءُ ٻيلدرڊي، سان قتل ڪري ڇڏيو آهي. ان حوالي سان قتل ٿيل عورت جي امڙ ڏياڻي قمبراڻي ڇيو آهي ته منهنجي ڏيءَ مون وٽ ترسيل هئي. سنڌس مڙس /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 13

واپڊا آفيسرن لاءِ مفت بجلي يونٽن جي خاتمي جو فيصلو معطل

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ واپڊا آفيسرن لاءِ مفت بجلي يونٽن جي خاتمي جو وفاقي حڪومت جو نوٽيفڪيشن معطل ڪندي ڊرين ڪي /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 12

جعلي ڊالر وڪري جو انڪشاف، ملوث جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ايف آءِ اي جي ڪمرشل بئنڪنگ سرڪل ڪراچي ۾ ڪارروائي ڪري جعلي ڊالرن جي وڪري ۾ ملوث جوابدار ڪي گرفتار /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 15

درامن ۽ فلمن ۾ ڪم ڪندڙ ٻارن لاءِ ٻه نوان قانون تيار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ثقافت واري وزارت درامن ۽ فلمن ۾ ڪم ڪندڙ ٻارن لاءِ ٻه نوان قانون تيار ڪري ورتا. سنڌ جي ثقافت واري وزارت /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 22

فاطما قزلباش ڪيس جي ٻڌڻي جج جي موڪل سبب ملتوي

خيرپور (رپورٽر) رائيپور جي پيراڻي حويليءَ ۾ بيدري سان قتل ٿيل معصوم فاطمه قزلباش قتل ڪيس جي سلسلي ۾ جوابدارن کي عدالت ۾ پيش /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪوهيڙي سبب فلائيٽ آپريشن متاثر

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪوهيڙي سبب فلائيٽ آپريشن متاثر ٿيو.سنڌ ۽ پنجاب جا ڪيترائي علاقا شديد دهند /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 24

ڪرپشن جا الزام: اسد قيصر، عاطف خان ۽ شهرام ترڪئي کي نيب طلب ڪري ورتو

پشاور (م ڊ) نيب قومي اسيمبلي جي آڳوٽي اسپيڪر اسد قيصر سميت آڳوٽي صوبائي وزير شهرام ترڪئي ۽ عاطف خان کي طلب ڪري ورتو آهي. نيب طرفان جاري ڪيل پترائي موجب نيب خيبرپختونخواهه آڳوٽي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسد قيصر ۽ پي ٽي آءِ جي 2 آڳوٽن وزيرن شهرام ترڪئي ۽ عاطف خان کي نوٽيس جاري ڪندي 10 جنوري تي طلب ڪري ورتو آهي. پترائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ جي آڳوٽن وزيرن ۽ آڳوٽي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر خلاف مردان صوابي روڊ جي تعمير ۾ /بقايا پوڻو صفحو 2 نمبر 20

tharfoundation

ٿر جي تبديلي

موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ

هوٽي رام

عزم جي طاقت

هوٽي رام جي اتساهيندڙ ڪهاڻي هڪ فرد جي ذاتي ترقي ۽ بااختيار هئڻ جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪا ٿرپارڪر جي ڪميونٽي ۾ موروثي پختگي کي پڌ ظاهر ڪري ٿي، هڪ مزدور کان آڳواڻ تائين جو سفر، مستقبل ۾ ترقي جي ان راهه کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ثابت قدم جذبي کي پڌ اجاگر ڪري ٿو.

ٿر فائونڊيشن، اسٽيڪ هولڊرز ۽ پائيوارن جي سهڪار سان، ٿر جي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکندي پٽي اڇي، جيڪي هزارين ماڻهن کي بهترين ڪم ۽ ترقي جا موقعا فراهم ڪن ٿا.

مجموعي طور تي سڌي ۽ اڻ سڌي ريت ~100,000 ڪان وڌيڪ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا ويا.

مجموعي طور تي ~80% ڪان وڌيڪ روزگار مقامي ماڻهن کي فراهم ڪيو ويو.

خوشحال ٿر ذريعي ~22,000 ڪان مٿي مقامي ماڻهن کي روزگار حاصل ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي وئي.



portraits of thar 2.0

ڪاميابي جون ڪهاڻيون

ڏسڻ ڏيڻ ۽ اسڪين ڪريو انساهه ڏيندڙ سفرا يا، سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي ٿر فائونڈيشن جو ورڻ ڪريو (ايڪس، فيس بڪ، انسٽاگرام) (X, Facebook, Instagram)

ThatFoundationSECMC ThatFoundationSECMC ThatFoundation

جديد علم ۽ ٽيڪنالاجي کان سواءِ اڳيان نه ٿو وڌي سگهجي: اياز لطيف پليجو

اسان جو تعليمي نصاب جديد، انسان دوست ۽ سائنسي هجڻ گهرجي

شاگرد مايوسي واري خيالي دنيا مان نڪري حقيقي سائنسي دنيا ۾ اچن. شاگرد ملڪ ۾ تعليم، امن ۽ صحت لاءِ ڪردار ادا ڪن

سنڌ جي تعليم، صحت ۽ گورننس تباهه ٿي چڪي آهي نوجوان ملڪ ۾ ڪرپشن ۽ جهالت جو رستو روڪين

حيدرآباد /مورو / سڪرنڊ (نمائندن وٽان) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو مورو، سڪرنڊ شهر پهچڻ تي قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن، شهرين، واپارين گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو ۽ ڪيس اجرڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بلڙي شاهه ڪريم ستي ۾ پوڙهيت جوڙو ۽ ٻارڙا فاقاڪشي واري زندگي تي مجبور

ٻارڙا فاقاڪشي واري زندگي گزارڻ تي مجبور، برسات ۾ ڪريل گهر به تعمير نه ٿي سگهيو

پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهيو آهيان اتان جيڪا رقم ملي ٿي صرف هڪ ويلو ماني کائي سگهون ٿا

غربت مفلسي واري زندگي گزاريون پيا ٻارڙن کي تعليم به ناهيان ڏئي سگهيو وقت ڏاڍو ڏکيو آهي

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر: حبيب شيخ) بلڙي شاهه ڪريم ستي جا رهواسي زال مڙس ۽ سندس معصوم ٻارڙا فاقاڪشي واري زندگي گزارڻ تي مجبور برسات ۾ سندس ڪريل گهر به تعمير نه ٿي سگهيو سرڪاري گهر کان به محروم آهن ۽ سياري جي سرد راتين سندن زندگي ۾ وڌيڪ پريشانيون آڻي ڇڏيون بلڙي شاهه ڪريم ستي ۾ هڪ جهريل جهوپڙي ۾ رهندڙ زال مڙس سڪندر ملاح ۽ زاهدا ملاح روزاني وڏي اخبار کي سندن دردن جو داستان ٻڌائيندي روئي ڏنو سڪندر ملاح ٻڌايو ته گزريل برسات ۾ گهر ڊهي پيو زال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بينظير ڀٽو جمهوريت جي بحالي ۽ غريب عوام لاءِ جان جو نذرانو ڏنو: حضور بخش ميراڻي

پيپلزپارٽي جا مرڪزي اڳواڻ پهتا جنهن سان ثابت ٿيو آهي ته عوام پ پ پ سان گڏ آهي

پ پ پ اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو

سکر (بيورو رپورٽ) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جمهوريت جي بحالي ۽ غريب عوام لاءِ جان جو نذرانو ڏئي اهو ثابت ڪيو آهي ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي. اهڙو اظهار سکر ۾ يونين ڪائونسل باٻن شاهه جي چيئرمين حضور بخش ميراڻي پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته گذريل ڏينهن 27 ڊسمبر تي محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي سورهين ورسي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي آفيس ۾ سرمد سنڌي جي ورسي ملهائي وئي

صابر علي پنڌ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو جو اڳوڻو صدر لياقت علي ملڪ شريڪ

سجاد پنهور دانش خشڪ ۽ ٻين سرمد سنڌي جي تصوير جي اڳيان ميڻ بتيون ٻاري ڪيس پيٽا ڏني

سرمد دلين جي ڌڙڪن ۽ دماغ ۾ رهي ٿو ۽ سرمد سنڌي جهڙي شخصيت ڪڏهن به مرڻي ناهي: اڳواڻ

دادو (ن سنڌيار) هون نه مٽي جي جيئي آهيان. جيئي سنڌ نه ڌرتي آهيان سائين سان گڏ سالگره ۾ وڃڙي ويس نه ورسي آهيان استاد بخاري جي هتن ستن سان پيتا دادو ۾ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي آفيس ۾ سنڌ جي سريلي قومي راڳي سرمد سنڌي جي ورسي ملهائي وئي ان موقعي دادو پريس ڪلب جو صدر صابر علي پنڌ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جو صدر لياقت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06



دادو: سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي آفيس ۾ سرمد سنڌي جي ورسي ملهائي وئي

ڪشمور ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين ذاتي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي: ساجاهه وند

ڪشمور (رپورٽر) هي تصوير گهڻ عرصي کان سوشل ميڊيا جي زينت بڻيل آهي جنهن کي فياض حسين جتا پنهنجي وال تان ڪئي پيرا شيئر ڪري چڪو آهي فياض جي چوڻ آهي ته مون سان مڪين تصوير ۾ نظرايندڙ سفيد پوشن فراڊ ڪيو آهي تصوير ۾ نظرايندڙ هڪ صاحب ڊاڪٽر جواهر لال آهي جيڪو ٽائون ڪاميٽي ڪشمور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪيڏڻ پرسان ٻن يوسين ۾ چيئرمينن گذريل 6 مهينن کان ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو

ڪيترائي بنيادي مسئلا پيدا ٿيڻ لڳا سيڪريٽري پ پ جا هٿڻ ڪري هر ڪاروائي کان آجا

عبدالرحمان چانڊيو ۽ چيئرمين سيف الله نوتيار 6 مهينن کان يوسي ۾ ترقياتي ڪم نه ڪرايو

عوام جو لٽيل پئسو واپس ڪرائي يوسين تي خرچ ڪرائي يوسين جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

ڪيڏڻ (رپورٽر: محرم علي ملاح) ڪيڏڻ پرسان ٻن يوسين ۾ چيئرمينن گذريل 6 مهينن کان ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو ماهوار ايندڙ رقم ڪرپشن حوالي يوسين ۾ ڪيترائي بنيادي مسئلا پيدا ٿيڻ لڳا پ پ جا هٿڻ ڪري هر ڪاروائي کان آجا رهواسي پريشانين ۾ ورتل خبر موجب ڪيڏڻ پرسان ٻن يونين ڪائونسل جن ۾ يوسي منوخان چانڊيو يوسي اڳوڻي شهيد راڻي هاٿوڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، احتجاجي تحريڪ جاري

نگران سرڪار جون سڀ خاطريون سچيون نه ٿيون، صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري رکي وئي

قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رهيو

سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوکر، اعظم منگرو ميان خيرالدين انڊڙ ۽ مهتم برادري جا مرد شريڪ ٿيا

سکر (بيورو رپورٽ) 137 ڏينهن ٿي ويا پر سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، نگران سرڪار جون سڀ خاطريون سچيون نه ٿيون، صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري سکر يونين آف جرنلسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، احتجاجي تحريڪ جاري آهي

ٺٽي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي نامزدگي فارم پرائيندڙ اميدوارن جي جاچ پڙتال هلندڙ

ڪاغذن جي چوٿين ڏينهن به ڊي سي آفيس مڪلي تي رٽرننگ آفيسرن وٽ چنڊڇاڻ جو سلسلو جاري رهيو

اين اي 225 ٺٽو تي آزاد اميدوار عبدالمجيد بروهي ۽ پي ايس ٺٽو ون تي نواب بروهي جا به فارم بحال ٿي ويا

هتان جي عوام سخت مصيبت ۾ ڦاٿل آهي، جنهن جو ڪو به جائز مسئلو حل نٿو ٿئي: وڏيرو رسول بخش جاکرو

ٺٽو (ڀر) ٺٽي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي نامزدگي فارم پرائيندڙ اميدوارن جي ڪاغذن جي اڄ چوٿين ڏينهن به ڊي سي آفيس مڪلي تي رٽرننگ آفيسرن وٽ چنڊڇاڻ جو سلسلو جاري رهيو جتي NA_225 ۽ PS_75 ٺٽو تي آزاد حيثيت ۾ پ پ کان بغاوت ڪري فارم پرائيندڙ وڏيرو رسول بخش جاکرو جا نامزدگي ڪاغذ جانچ پڙتال بعد بحال ڪيا ويا. جڏهن ته اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

معظم علي خان عباسي جا پي ايس 11 ۽ پي ايس 12 جا ٻئي نامزدگي فارم اسڪروٽني ۾ بحال

لاڙڪاڻو جي ڊي اي اڳوڻي ايم پي اي سردار معظم علي خان عباسي جا فارم اسڪروٽني ۾ بحال ٿي ويا

منهنجي فيملي پڻ اليڪشن ۾ مختلف تڪن تي نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن: معظم علي خان عباسي

الله تعالي جي ذات مان اميد آهي ته آئون الله پاڪ جي حڪم سان انشاءَ الله ڪٽي عوام جا آواز بڻجندس

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي مان ۾ پيرا ايم پي اي چونڊجندڙ جي ڊي اي اڳواڻ معظم علي عباسي جا لاڙڪاڻي شهر جي صوبائي تڪ پي ايس 11 ۽ پي ايس 12 تي نامزدگي فارم منظور ڪيا ويا جڏهن ته جي ڊي اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



لاڙڪاڻو: معظم علي عباسي ۽ ٻيا رٽرننگ آفيسر آڏو ڪاغذ جمع ڪرائي رهيا آهن

درگاهه ستيون ويجهو ڪي ڊي اي نالي لڳ ڳوٺ حاجي پالاري جي رهواسين پاران احتجاج

رهواسين پاران پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ توڙي سمرين بنيادي سهوليتن کان محروم رکڻ خلاف احتجاج

پيئڻ جو پاڻي سان گڏ ڳوٺ ۾ 2008 کان وٺي هيل تائين ڪو به ترقياتي ڪم ٿي ناهي سگهيو: مظاهرين

مجردانين سان گڏ سندن سروي ٿيل گهرن کي منظور ڪري گهرجوڙائي ڏنا وڃن جيئن سندن پريشاني دور ٿي سگهي

ٺٽو (رپورٽر) درگاهه ستيون ويجهو ڪي ڊي اي نالي لڳ ڳوٺ حاجي پالاري جي ڪيترن ئي رهواسين پاران ڪين پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ توڙي ڪين سمرين بنيادي سهوليتن کان محروم رکڻ خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو پريس ڪلب مڪلي تي شيرخان پالاري، حسن، ريٽواز، وطو پالاري، گلاب، عاشق علي، پيرو، نظير ۽ نواز علي پالاري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته ڪين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گبول ٽائون پوليس ۽ ڦورن ويچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌاڙيل گرفتار

گشت تي پوليس اهلڪارن جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڌاڙيلن جي قبضي مان هڪ 9 ايم ايم ٽي ٽي پستول ۽ 125 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) گبول ٽائون پوليس ۽ ڦورن ويچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌاڙيل گرفتار، جڏهن ته ٻيو ساٿي فرار رات دير سان ڦر جي واردات ڪندڙ ڌاڙيلن پوليس تي اندڌاڌند فائرنگ ڪئي گشت تي پوليس اهلڪارن جي جوابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ مان پ پ پ اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي: ناصر حسين شاهه

ايم ڪيو ايم سان اتحاد به ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي الطاف دي ايو سيئيٽ ٿيڻ بعد ڪيو هو

عمران خان ۽ 9 مئي واقعي ۾ ملوث عنصرن سان دي ايسوسئيٽ ڪن ٿا ته اتحاد لاءِ سوچي سگهجي ٿو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سيد ناصر حسين شاهه جي نامزدگي فارم منظور ٿيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه سمورن تڪن سميت سڄي سنڌ مان پيپلزپارٽي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي سنڌ مان اين اي جون 50 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



سکر: سيد ناصر حسين شاهه صحافين سان ڳالهائيندي

چوٽيارين ۾ همارا چيئرٽي فائونڊيشن جو ڪمال الدين راجڙ جي صدارت ۾ اجلاس

مدد لاءِ مختلف پروگرام ترتيب ڏنا ويا اجلاس ۾ فائونڊيشن جي ميمبرن شرڪت ڪئي

اسان انسانيت جي بغير ڪنهن جي ذات پات جي خدمت ڪري سگهون: ڪمال الدين راجڙ

سانگهڙ (رپورٽر:) چوٽيارين ۾ همارا چيئرٽي فائونڊيشن جو ڪمال الدين راجڙ جي صدارت ۾ اجلاس منعقد ٿيو ڪونايو اجلاس ۾ غريب مائهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سانگهڙ ۾ ٽيون انور حسين بخاري ڊي نائيٽ ٽيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جاري

آرائين ڪرڪيٽ ڪلب ڀهريان بيٽنگ ڪندي مقرر 8 اوورن ۾ 154 رنسون ٺاهيون

ٽائيگر طرفان اسد شاهه بهترين بيٽنگ جو مظاهرو ڪندي 95 رنسون ٺاهي ٽاپ تي رهيو

سانگهڙ (رپورٽر) ٽيون انور حسين بخاري ڊي نائيٽ ٽيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ سيد علي بخاري ۽ سنڌس ٽيم جي نگراني ۾ فائنل ٽائيگر ڪرڪيٽ ڪلب ۽ آرائين ڪرڪيٽ ڪلب وچ ۾ ٿي گذريو آرائين ڪرڪيٽ ڪلب ڀهريان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پ پ جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي پ پ اڳواڻن ۽ جيالن فارم پرائي ڇڏيا

سکر جي صوبائي تڪ پي ايس 25 تي بئريسٽر ويرم خان جو نامزدگي فارم منظور ٿي ويو

ساڳي تڪ تي سنڌس والد سيد ناصر حسين شاهه جو نامزدگي فارم منظور ٿي ويو آهي: ذريعا

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پ پ جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پ پ جا اڳواڻ جيالا فارم پرايا آهن پر قسمت جو ڪٿو بلاول ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10



چوٽيارين يوسي ايم او ڊاڪٽر واشومل ۽ يوسي ايم او فوڪل پرسن پاران ميٽنگ

سيد عبدالرحيم شاهه ٽائون ڪميٽي ٽنڊومٺاخان جي چيئرمين سيد مدد علي شاهه شريڪ

ڪو به اهڙو ڪيس اجان تائين رپورٽ نه ٿيو آهي اسان جون ٽيمون بروقت ويڪسين ڪن ٿيون: علمدار

سانگهڙ (رپورٽر:) چوٽيارين يوسي ايم او ڊاڪٽر واشومل ۽ يوسي ايم او فوڪل پرسن سيد عبدالرحيم شاهه ٽائون ڪميٽي ٽنڊومٺاخان جي چيئرمين سيد مدد علي شاهه ۽ يوسي ڪلر جي چيئرمين غلام عباس راجڙ سان پي پي ايڇ سينٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

اليڪشن فارم ۾ مخالف اميدوارن عدالت جي فيصلي کي لڪايو آهي: رسول بخش چانڊيو

فهميدا مرزا ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا خلاف 27 آڪٽوبر 2023 تي فيصلو ڏيئي ڪين ڊفالٽر قرار ڏنو هو

اسٽيٽ بينڪ جي 21 ڪروڙ کان سواءِ ٻين بينڪن جا 8 ملين روپيا ڊاڪٽر جي خاندان تي قرض رهيل آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي اميدوار حاجي رسول بخش چانڊيو ايوان صحافت بدين ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسٽيٽ بينڪ جي قرض سبب سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊاڪٽر فهميدا مرزا ۽ ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17



بدين: رسول بخش چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي

ڊاڪٽر واحد سومرو جو صوبائي اسمبلي واري تڪ تي ناميشن فارم بحال

پي ايس 75 ٺٽو 1 تان فارم رٽرننگ آفيسر ٺٽو پاران چنڊڇاڻ بعد بحال ٿي ويو

پارٽي جي چيئرمن بلاول ڀٽو جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي ناليواري سياسي اڳواڻ سابق صوبائي وزير ۽ ميمبر قومي اسيمبلي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي رڪارڊ ۽ واقعات سيڪريٽري ڊاڪٽر واحد سومرو پاران ٺٽي مان صوبائي اسيمبلي واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊوالهيار ۾ ايم ڪيو ايم اڳواڻ پاران پولو خانزاده جي وارثن سان ملاقات، مدد جي خاطري

عمران قائمي جي خليل الرحمان عرف پولو خانزاده جي وارثن سان ملاقات. وارثن سان گڏ آهيون

ذيشان جسڪاڻي ۽ افضل جسڪاڻي جي حفاظتي ضمانت رد ٿيڻ باوجود ڪاروائي ناهي ٿي: ڳالهيون

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) مرڪزي رڪن ڊجيٽل ميڊيا ونگ ايم ڪيو ايم پاڪستان عمران قائمي جي خليل الرحمان عرف پولو خانزاده جي وارثن سان ملاقات. وارثن کي تسلي ڏيندي عمران قائمي چيو ته پولو ڀائي جي خون کي رائيگان ٿيڻ ڪونه ڏينداسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ايس ايس پي ٺٽو جي هدايتن تي ڪارروايون، پوليس پاران 2 منشيات فروش گرفتار

مڪلي تي دگاره شاهه مراد شاهه شيرازي لنڪ روڊ وٽ چيڪنگ دوران به منشيات فروش سوگها

منشيات فروشن محمد عارف ولد محمد هاشم بروهي ۽ عمران ولد محمد زاهد راجپوت گرفتار ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب نظاماڻي پاران مليل هدايتن ڪانبوءِ ايس ايڇ مڪلي شوڪت درس پاران مڪلي تي دگاره شاهه مراد شاهه شيرازي لنڪ روڊ وٽ چيڪنگ دوران ٻن منشيات فروشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سامارو ۾ غوثيه جماعت ۽ پي ٽي آئي جي ڪارڪنن ۽ شهرين جي ريلي، شديد نعريبازي

پي ٽي آئي ڊويزنل صدر خانصاحب اڪبر پلي، ڊاڪٽر رٽائرڊ ميجر علي نواز شاهاڻي پاران اڳواڻي ڪئي وئي

ڪارڪنن پاران پاڪستان زنده باد عمران خان زنده باد تنهنجو وجود منهنجو وجود شاهه محمود جا نعرا هنيا ويا

سامارو (رپورٽر:) ساماري ۾ غوثيه جماعت جي روحاني پيشوا ۽ پي ٽي آئي جي وائيس چيئرمين جي گرفتاري سان گڏ پنجاب پوليس جي بدتميزي ۽ نارو سلوڪ خلاف غوثيه جماعت جي احتجاجي ريلي ۽ احتجاجي مظاهرو، پنجاب پوليس خلاف سخت نعريبازي. سامارو ۾ پي ٽي آئي جي وائيس چئرمين ۽ غوثيه جماعت جي اڳواڻ مخدوم شاهه محمود قريشي جي گرفتاري خلاف سامارو ۾ غوثيه جماعت جي ريلي شاهه لطيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پريالوءَ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضه جي يوم وفات تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف احتجاج

سرڪاري سطح تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف مدرسن جي شاگردن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مولانا الله نواز فاروقي، مولانا زاهد حسين حقاني، حافظ علي شير بلوچ، محمد صديق بلوچ ۽ ٻيا شريڪ

ملڪ جا حڪمران صحابه اڪرام رضه جي شهادت، وفات، جي ڏهاڙن تي ڪا به سرڪاري موڪل نٿا ڪن: اڳواڻ

پريالو (رپورٽر:) پريالو پرسان ڳوٺ شاهنواز خروس ۾ 22 جمادي الثاني يوم وفات خليفا اول سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضه جي جي حوالي سان سرڪاري سطح تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف مدرسن جي شاگردن پاران احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



عادلپور ٿاڻي جي حد مان ڏيڍ مهينو اڳ چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس نه ٿي

ايس ايڇ او عادلپور ايس ايس پي گهوٽڪي کان موٽر سائيڪل واپسي ڪرائڻ جو مطالبو

پي پي ايڇ آئي عادلپور مان موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي رپورٽ ٿاڻي تي ڏني وئي هئي: متاثر

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ٿاڻي جي حد مان گذريل ڏيڍ مهينو اڳ چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس نه ٿي ايس ايڇ او عادلپور ايس ايس پي گهوٽڪي کان موٽر سائيڪل واپسي ڪرائڻ جو مطالبو عادلپور پريس ڪلب جي صحافي محمد ياسين ابڙو جي گذريل ڏيڍ مهينو اڳ پي پي ايڇ آئي اسپتال عادلپور مان موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي هئي جنهن رپورٽ عادلپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌي ادبي سنگت وارهه طرفان علمي ۽ ادبي اداري قاضي غفار لائبريري جي ستين سالگرهه

غفار لائبريري جي سالگره تقريب ۾ شهر جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافي ڌرين شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر بدر قريشي، وڪيل اياز کهاوڙ، نظير چنو، محمد صلاح چانڊيو، نجيب چانڊيو، عرفان منان شريڪ

تقريب دوران ڪاشف چانڊيو، نظير روگي، حنيف سودر ۽ ٻين ذات جا ڏيئا روشن ڪري وينل کان داد وصول ڪيو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) سنڌي ادبي سنگت وارهه طرفان ڪيل علمي ۽ ادبي اداري قاضي غفار لائبريري جي ستين سالگره ملهائي وئي. سالگره تقريب ۾ شهر جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافي ڌرين شرڪت ڪئي. قاضي غفار لائبريري پنهنجي قيام کان وٺي شهر جي اندر سلو علمي، ادبي ۽ شعوري ماحول پيدا ڪيو آهي / اڳواڻن جون تقريرون/ سنڌي ادبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



وارهه: سنڌي ادبي سنگت وارهه طرفان علمي ۽ ادبي اداري قاضي غفار لائبريري جي ستين سالگرهه تقريب جو ڏيک

روهڙي ۾ سکر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالغني سومرو جي مان ۾ الوداعي تقريب

روهڙي (رپورٽر:) بار پاران سول ڪورٽ ۾ سکر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالغني سومرو جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي روهڙي بار جي صدر غلام نبي چڍڙ ۽ ٻين وڪيلن آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ اوڍايا ۽ آجياڻو پيش ڪيو جنهن ڪانپوءِ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالغني سومرو پنهنجي صدارتي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

اسلامي جمهوريا پاڪستان ۾ فجر ۽ مغرب جي اذان به بتڻ ۾ نٿي اچي: ٺٽي واسي

12 کان 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ سبب بجلي تي هلندڙ ڪارخانا پڻ سخت متاثر ٿي رهيا آهن

شهر ۾ پراڻيون تارون ۽ ناقص ٽرانسفارمر ڪنهن به وقت ڪنهن وڏي واقعي کي جنم ڏئي سگهن ٿا

اهم مسئلي تي مڪمل خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي. مڪلي شهر ضلعي ٺٽي جو هيڊ ڪوارٽر پڻ آهي

ٺٽو رپورٽ (جاويد لطيف ميمڻ) اسلامي جمهوريا پاڪستان ۾ فجر ۽ مغرب جي اذان به بتڻ ۾ نٿي اچي حيسڪو پاران 12 کان 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ سبب بجلي تي هلندڙ ڪارخانا پڻ سخت متاثر ٿي رهيا آهن. ڏکيي لوڊ شيڊنگ سبب ٻاٽي جي ڪوٽ پيدا ٿيڻ لڳي. جڏهن ته پنجاهه سال پهريان لڳل پراڻيون تارون ۽ ناقص ٽرانسفارمر ڪنهن به وقت ڪنهن وڏي واقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سلطانپور پرسان درگاهه پير بگو سير بادشاهه جي يوسف انڊڙ فقير سهروردي جو عرس

فقير سهروردي (اول) جن جو ساليانو عرس مبارڪ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

عرس ۾ علائقي جي معزز شخصيتن توڙي مريدن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

صدام حسن انڊڙ، ميان منظور حسين انڊڙ، ميان غلام انس انڊڙ ۽ سياسي سماجي اڳواڻ شريڪ

سلطانپور (رپورٽر: قربان علي مهر) سلطانپور پرسان درگاهه پير بگوسر بادشاهه جي ولي ڪامل درويش صفت انسان باصفا حضرت ميان محمد يوسف انڊڙ فقير سهروردي (اول) جن جو ساليانو عرس مبارڪ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



سلطانپور پرسان درگاهه پير بگو سير بادشاهه جي يوسف انڊڙ فقير سهروردي جو عرس ٿي گذريو

نصرپور ۾ ڊاڪٽر نظام الدين جي سنڌ ميڊيڪل سينٽر ۾ مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) نصرپور ۾ ڊاڪٽر نظام الدين جي سنڌ ميڊيڪل سينٽر ۾ هڪ ڏينهن جي مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ 143 مريضن جون اکيون چيڪ ڪيون ويون مريضن کي ويجهي نظر جا چشما ۽ دوائون مفت ڏنيون ويون. اکين جي ماهر ناز ڊاڪٽر سرجن امتياز احمد اونو انتهائي توجه سان مريضن کي چيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين ۾ ڪلارڪ اي ڊي سي ون جي نالي تي ڪاتيدارن کان پيسا رشوت طور اوڳاڙڻ لڳو

اويڪيو، اولڊ رڪارڊ توڙي ري رائيٽنگ وارن کان وڏي انگ ۾ اي ڊي سي ون جي نالي پيسا اوڳاڙي

ري رائيٽنگ جي جو مدو حڪومت تي مهينن اندر پورو رڪارڊ مينٽين ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو

ڪلارڪ آفيس سپريٽنڊنٽ تو سڏائي ڪي فوري سيٽ تان هٽائي عوام کي ڦرڻ کان بچايو وڃي: شهري اڳواڻ

بدين (رپورٽر: مرتضي ميمڻ) اي ڊي سي ون جو ڪلارڪ اي ڊي سي ون جي نالي تي ڪاتيدارن کان پيسا رشوت طور اوڳاڙڻ لڳو اي ڊي سي ون بي خبر ڪلارڪ ڪشت، داخلا، اويڪيو، اولڊ رڪارڊ توڙي ري رائيٽنگ وارن کان وڏي انگ ۾ اي ڊي سي ون جي نالي پيسا اوڳاڙڻ لڳو ري رائيٽنگ جو ريٽ ٿي لک تي پهچي ويو جڏهن ته روينيو جو رڪارڊ روم ڪافي وقت کان سيل آهي پر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

انڊس اسپتال بدين جي سوين ملازمن طرفان ٻئي ڏينهن به هڙتال ۽ ڌرڻو جاري رهيو، مريض پريشان

انتظاميا جي عدم توجهه سبب سمورو ڪاروهنوار ٺپ مريض پريشان نجي اسپتالن ڏانهن وڃڻ لڳا

بدين 2016 کان پبلڪ پارٽنر شپ تحت انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ جي زير انتظام ڏني وئي هئي: ذريعا

ڊي سي ۽ ڊي ايڇ او بدين جي ڪيل واعدي موجب چوٿين مهيني به نه صرف پگهارون نه مليون آهي

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) انڊس اسپتال بدين جي سوين ملازمن طرفان ٻئي ڏينهن به هڙتال ۽ ڌرڻو جاري رهيو اسپتال جو سمورو ڪاروهنوار ٺپ مريض پريشان نجي اسپتالن ڏانهن وڃڻ لڳا انڊس اسپتال کي بدين جي ڪريٽ ڊي ايڇ او جي ماتحت ڏيڻ جا ساڻباهه تفصيل موجب ساڍا ٽي سؤ بسترن تي مشتمل ڊاڪٽر سڪندر مينڊرو سول اسپتال بدين 2016 کان پبلڪ پارٽنر شپ تحت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



مٺياري لڳ پليجاڻي ۾ مبينا طور ناري اغوا واري واقعي تي هندو برادري پاران احتجاج

واقعي تي هندو برادري ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، نعريبازي

موسو لڙڪو، ذوالفقار سوهو، واپاري اڳواڻ سيٺ نارو مل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ناري پليجاڻي واسي شهزاد پٽ الطاف جسڪاڻي سان عمرڪوٽ جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي

مٽياري (رپورٽر) مٽياري لڳ پليجاڻي ۾ مبينا طور ناري اغوا واري واقعي تي هندو برادري ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، خبر موجب به ڏينهن اڳ مٽياري لڳ پليجاڻي اسٽيشن جي ڀيل ڪالوني سان مبينا طور نيگري ريکا ڌيءَ ڪيول ڀيل جي اغوا واري واقعي ڪانپوءِ گذريل ڏينهن ايس ٽي پي اڳواڻ موسو لڙڪو، ذوالفقار سوهو، واپاري اڳواڻ سيٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمع 29 ڊسمبر 2023ع

ڪارونجهر سان ڪينو، رکڻ روا ناهي!

نگران منتظمين کي ڇهن مهينن لاءِ سنڌ جي واڳ ڇا هٿ آئي، اهي هزارين سالن جي ڄمار رکندڙ ڪارونجهر جبل کي کوٽڻ ۽ ڪٽڻ جي خواهش رکندڙن جي حوالي ڪرڻ جو مشن کڻي ميدان ۾ لهي پيا آهن ۽ هر صورت ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي واري هوڏ تي قائم آهن. ايتري قدر جو اهي ڪارونجهر جي ڪٽائي روڪرائي ان کي عالمي ورثو قرار ڏيارڻ واري سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي مڃڻ بدران اهو فيصلو رد ڪرائڻ ۽ ڪارونجهر کي کپڻ ڪورڻ جي اجازت لاءِ سپريم ڪورٽ پهچي ويا آهن ۽ اهي هر صورت ۾ اليڪشن کان اڳ ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي جو پروانو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. معدنيات کاتي جو نگران وزير خدا بخش مري ڪارونجهر پهچي عوام سان واعدا ڪيا ته هن جبل جي ڪٽائي جا ٺيڪه سيڪڙو ٺيڪا مقامي ماڻهن کي ڏنا ويندا. معدنيات جو هڪ سيڪڙو به وفاق کي نه ڏنو ويندو هن چيو ته ترقيءَ جا دشمن ماڻهو معدنيات استعمال نه ڪرڻ جي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. ماضيءَ ۾ معدنيات نڪري ها ته هيستائين انڊسٽري لڳي وڃي ها ۽ ٿرءِ خوشحالي اچي ها.

هونئن ته ڪارونجهر کي ڪورڻ ۽ کپڻ جي اجازت ڏيڻ وارو فيصلو پ پ حڪومت دوران ٿيو هو ۽ اڳ ۾ ئي ليزون ڏنل هيون ۽ ان مها ڏونگر جي وڍ ٽڪ پڇ ـ پور جا پروانا جاري ڪرڻ جا ارادا هئا پر مقامي ماڻهن جي ڳاڙهين اکين، تيز لهجن ۽ سنڌ جي اجتماعي شعور طرفان اهڙي فيصلي جي شديد مخالفت ۽ مزاحمت ڪانپوءِ پ پ حڪومت پوئتي هٽي وئي، پر انتظامي ڊرائيونگ سيٽ ملڻ ۽ اختيارن جو اسٽيئرنگ سنڀالڻ ڪانپوءِ نگرانن جو سڄو زور سنڌ جا معدنياتي وسيلا ٽين وال ڪرڻ تي آهي. ڪارونجهر ٿرجي ماحوليات جو محافظ آهي. ڪارونجهر اڻ ڳڻين برساتي نئين ذريعي ٿرجي اڃايل زمين کي سيراب ڪرڻ جو به وسيلو بڻيل آهي. هي جبل ناياب ۽ خطري هيٺ آيل جهنگلي جيوت جو فطري مسڪن آهي. وڻن ٽڻن، قيمتي ٻوٽين کي پنهنجي جهولي ۾ نپائيندڙ هن جبل سان مقامي ماڻهن جو جذباتي لڳاءُ آهي، جيڪي ان کي ديوتا جو درجو ڏين ٿا. صرف اهو ئي نه پر هن جبل جي هر پٿر ۾ تاريخ ساهه کڻي رهي آهي. هي جبل ڌارين غاصبن سان سنڌ جي ماڻهن جي چوٽون کائڻ ۽ آخري پساهن تائين شاندار مزاحمت جو پڻ شاهد آهي. ان ڪانسواءِ هي جبل سنڌ جو هڪ اهم سياحتي ماڳ آهي، جتي هر سال لکين ماڻهو سياحت لاءِ اچن ٿا. صرف معدنيات جي نالي ۾ سنڌ کي ماحول جي محافظ، نباتات ۽ ناياب جهنگلي جيوت جي فطري مسڪن، مزاحمتي تاريخ جي شاهد، مقامي ماڻهن جي روزگار جي ذريعي، هڪ شاندار سياحتي ۽ ثقافتي ماڳ کان محروم ڪرڻ واري رٿا کهڙي سنڌ دوستي آهي؟ مقامي ماڻهن ۽ سنڌ جي اجتماعي شعور جي مزاحمت باوجود نگران حڪومت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ مان رليف وٺڻ جو گس ورتو آهي، جنهن سان ٽڪراءُ پيدا ٿيندو ۽ سنڌ جون حالتون خراب ٿينديون. ڪارونجهر کي کپڻ ۽ ڪورڻ بدران بهتر اهو آهي ته ان کي عالمي ورثو قرار ڏيارڻ واري جدوجهد ڪجي، ان جي تحفظ لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن، پر ان جي ابتڙ سنڌ جا نگران حڪمران سپريم ڪورٽ ۾ معاملو کڻي ويا آهن ۽ ايتري تڪڙ اٿن جو ايڊووڪيٽ جنرل جي بدران خانگي وڪيل ڪيو ويو آهي.

معدنيات کاتي جو منتري موصوف ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف آواز اٿاريندڙن کي "ترقي جو دشمن" سڏي ٿو. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته سنڌ جو عوام ڪڏهن به ترقي جو دشمن نه رهيو آهي پر اهو جٽادار ترقي چاهي ٿو. ترقي جي نالي ۾ سنڌ کي ان جي وسيلن کان محروم ڪجي، ان کي ڪنهن به ريت ترقي نٿو چئي سگهجي. سنڌ جي ماڻهن ترقي جي نالي ۾ هلندڙ ڪاري سون جي پراجيڪٽ کي به ڏسي ورتو ۽ اهو پڻ ڏٺو ته ان مان ٿرجي ماڻهن کي ڪيترو فائدو ٿيو ۽ ڪيترو روزگار مليو! سنڌ جا منتظمين جنهن گس تي هلي رهيا آهن، اهو ٽڪراءُ وارو گس آهي، ان ڪري تدبر جو مظاهرو ڪندي سنڌ جي معدنيات، تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن مڪانن سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي. سنڌ ۾ ماحوليات جي تحفظ لاءِ پتوڙڻ جي دعويدار اين جي اوز ۽ ماحوليات لاءِ جاکوڙيندڙ عالمي ادارن کي ڪارونجهر بچائڻ لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي.

مذهبي عقيدو ۽ وجوديت جو فلسفو

طفيل مگسي

بين عظيم. فڪري نظرين جيان وجوديت جو نظريو به پنهنجو هڪ سياسي نظام رکي ٿو جيڪو تهذيبي روايتن کي ان جي خاص حالتن ۾ هڪ خاص صورت ڏيئي ٿو ۽ پوءِ ان خاص صورت جي وسيلي پنهنجو خيال بيان ڪري ٿو ظاهر ۾ ائين لڳي ٿو ته وجوديت هر قسم جي تحريري، منطقي ۽ سائنسي فلسفي جي نفي بيان ڪري ٿو ۽ عمل جي حقيقت کان انڪار اختيار ڪري ٿو باوجود ان جو مقصد اهو آهي ته فلسفي کي فرد جي زندگي، تجربي ۽ ان تاريخي صورتحال کان درست هٽڻ گهرجي. جنهن ۾ فرد پاڻ کي اپنائي ٿو ؛ چوڻ اهو ڪو عام علم ناهي بلڪ جستجو ۽ تحقيق جو علم ناهي بلڪ هڪ حياتي واري طرز تي هلڻ وارو آهي. سڀ ڪجھ وجود ۾ حاضر آهي. وجود اعلان ڪري ٿو ته هو معروضي دنيا جي بجاءِ صرف پنهنجي تجربي کي حقيقي ڄاڻي ٿو هن جي ويجهو ذات ئي حقيقت آهي هو پنهنجي بي مثال جي انفراديت تي اصرار ڪندي فطرت ۽ طبعي دنيا جي خاصيتن جي مقابلي ۾ پنهنجي وجود کي بنيادي حيثيت ڏيئي ٿو ۽ "وجوديت جو مرڪزي تصور اهو آهي ته ماڻهو اهوئي ڪجھ بڻجي ٿو جيڪي هو بنجڻ چاهي ٿو خدا يا معاشري جي طرف کان بطور ڏاڍ جي ڪا تقدير ناهي مڙهي وئي. ماڻهوءَ وٽ اختيار آهي ۽ گڏ ئي ذميواري جو اهو احساس جيڪو اختيار جو ڏنل آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي لاءِ ڪا عمل جي راهه چونڊي ٿو يا پاهرين طاقتن جي سامهون ڪنڌ نوائي ڪري انداز ۾ جيئڻ تي راضي آهي ته نفرت جي قابل آهي. "انسان سدائين انهيءَ مونجهاري ۾ گهيريل رهي ٿو ته هو ڪير آهي ۽ هن کي هن دنيا ۾ ڪنهن آندو آهي؟هن جو خالق هن جي نظرن کان پري ڇو آهي؟هن کي هن دنيا ۾ آڻڻ کان اڳ هن سان مشورو ڇو نه ڪيو ويو؟هن کي جيڪڏهن موت سان ڳرانڌيون پائيڻيون هيون ته پوءِ زندگي جو سبب ڇا آهي؟هن جي ذاتي فيصلن جي ڇا حيثيت آهي هن جو مقصد ڇا آهي؟انسان ۽ فطرت جا گڏيل ڇا آهن..؟اهي ان قسم جي بيشمار سوالن کان منجهيل انسان پنهنجي مرڪز جي گولا ۾ نڪري ٿو ته هن کي اندازو ٿيئي ٿو ته ڪنهن اتم سچائي جي مقرري ان وقت تائين ممڪن ناهي. جيستائين اهو پنهنجي حياتاتي قدر متعين نٿو ڪري. انساني وجود جي معني ۽ اهميت جي بنيادي دريافت وجوديت جو جوهر آهي. جنهن جو سلسلو آزادي جي فڪر ونظر جي نظرياتي ڪوشش سان جوڙي سگهجي ٿو ان ڪري هن جي تعريف هيٺئن به ڪئي وئي آهي يا ويندي آهي.

It applies to a vision of the condition and existence of man, his place and function in the world and his relationship, or lack of one with God."

جڏهن ته مذهب ثقافتي نظامن عقيدن ۽ تصور انسانيت، روحانيت ۽ اخلاقي قدرن ۽ تصورن جو هڪ مرڪب آهي. اها حقيقت آهي ته مذهبن جي وضاحت ڪرڻ ٿورو مشڪل آهي. مگر مذهبيات جي مطالعي ۾ ڪليفارڊ ڪيرٽز مذهب جو هڪ معياري ماڊل تيار ڪيو آهي. جنهن کي هو ثقافتي نظام سان پيئا ڏيئي ٿو طلال اسد_ گيرٽز جي ان ماڊل تي تنقيد ڪئي ۽ مذهب جي انساني درجابندي ڪئي آهي.

ڪيترن ئي مذهبن جون ڪهاڻيون، نشانيون، تهذيبون ۽ مقدس تاريخون هونديون آهن. جنهن کان زندگي ۽ ڪائنات جي وضاحت ٿيئي ٿي. ۽ ان جي شروعات جو بيان هوندو آهي. ان جو مقصد پنهنجي ظاهري عالم ۽ انساني فطرت کان خيال چوند ڪري اخلاق، اخلاقيات، شرعي حڪم ۽ پسنديده حياتي جي نظام جو تعارف ڪرائي ٿو هڪ اندازي جي مطابق ايمان ۽ يقين جي لاءِ استعمال ٿيئي ٿو ليڪن مذهب ذاتي عقيدن کان ڪافي مختلف آهي ته مذهب تعلق سماج سان هوندو آهي. اڪثر ڪري مذهبن ۾ منظم مذهبي رويا مذهبي درجا بند هوندا آهن ۽ ٻئي گڏجي ڪري اهو ڪن ٿا ته مذهب کي اپنائڻ. ان تي عمل ڪرڻ معبد ۾ وڃڻ معبود جي عبادت ڪرڻ مقدس جڳهن جي زيارت ڪرڻ ۽ مذهبي طريقن تي عمل ڪرڻ جو طريقيڪار ۽ قانون ڪهڙا هجن ؟ڪن مذهبن جي پنهنجي مقدس ٻولي هوندي آهي۽ انهيءَ ۾ عبادت ڪئي ويندي آهي. مذهبي عملن ۾ واعظ، خدا يا خدائن جي عبادت، قرباني ڏيڻ، ڏڻ، دعوت ڏيڻ، وجد، شادي، مراقبو موسيقي، فن ناچ، سماجي خدمت يا ٻيون تهذيبي ۽ ثقافتي رسمون به شامل آهن. مذهبي تعليمات ۾ قدرتي نفسياتي مامرا به شامل هوندا آهن. جيئن بستر تي سنئل موت جو تجربو پاهريون تجربو جسم، قدرتي طبعي ۽ مافوق الفطرت تجربا وغيره. مذهبيات جو مطالعو ڪرڻ وارن ڪجھ اڪيڊمين مذهب کي ٽن گروپن ۾ ورهايو آهي. عالمي مذهب يعني اهڙا مذهب جيڪي عالمگير يا گهڻ ثقافتي هجن. مقامي مذهب يعني اهڙا مذهب جيڪي ڪنهن خاص علائقي، ملڪ، گروه يا تهذيب سان رکندا هجن يا نيون مذهبي تحريڪون به يعني ويجهڙائي ۾ وجود ۾ اچڻ وارا مذهب. هڪ جديد نظريو يعني سماجي تعميريت جي مطابق مذهب هڪ جديد تصور آهي. جيڪو سمورن روحاني علمن وحادثن ابراهيمي مذهب جيان ڪنهن ماڊل جو پوئلڳ هجي. ۽ اهڙي نظام جي تحت هوندا آهن. جيڪي حقيقت جي تشريح ۽ انساني جنس جي وضاحت ڪري ٿو جيتوڻيڪ مذهب کي بطور هڪ تصور جي انهن غير مذهبي ثقافتن تي اسرار ڪرڻ مناسب ناهي. جيڪوانهن نظامن تي مشتمل ناهي يا جن ۾ وڏي حد تائين انهن نظامن کي خاص اهميت حاصل ناهي.

انسان پنهنجي شروعاتي دور کان ئي ڪائنات ۽ پنهنجي ذات کي ڄاڻڻ ۽ ان جي ڏکين ڳنڍين کي سلجهائڻ ۾ مصروف آهي. سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ان عمل جي دوران شروعاتي انساني دور ۾ ئي به فڪر رکندڙ سائنسي فلسفيءَ غير سائنسي فلسفي جي صورت ۾ وجود ۾ اچي ويا هئا.

سائنسي ۽ مادي فلسفي جو بنياد عقل، دليل، ثبوت، دليل، مشاهدي، تجربي ۽ ٺوس بنيادن تي هوندو آهي. جڏهن ته غيرسائنسي ۽ غيرمادي فلسفي جو بنياد تصورن ۽ عقيدن جي بنياد تي قائم هوندو يا ٿيو آهي. انساني تاريخ جو انهن ٻنهي فڪرن جي وچ ۾ سدائين سنگين محاذ قائم رهيا ۽ صدين تي مشتمل ان فڪري جنگ ۾ جتي جتي عقل، دليل ۽ سائنس جو پاسو ڳرو ٿيو انهن تهذيبن ۽ معاشرن دنيا تي حڪمراني ڪئي. ۽ هر اهو معاشرو جتي عقيدن ۽ سائنس جي فڪري طرز کي ڪمزور ڪيو اهو زوال جو شڪار ٿيو عقيدن جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو رهيو آهي ته اهي مانا ۽ ناقابل تبديلي جي تصور جي طور تي سچاٽا ويندا آهن. ان ڪري هر دور ۾ جيڪي به عقيدا پيش ڪيا وڃن ٿا. اهي عارضي طور تي معاشري جي ضرورتن پورو ڪري ڇڏين ٿا. ليڪن جيئن جيئن انساني معاشرا تبديل ٿين ٿا (جيڪو هڪ نا ممڪن عمل آهي)عقيدا انهن تبديلين ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ وارن چيلينجز جو سامهون لڙڻ ۾ ناڪام رهيا آهن ان ناڪامي جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ سدائين معاشرتي تبديلين هر ممڪن طريقي سان روڪڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. مذهب ۽ وجوديت جي حوالي کان عام نفسيات ۽ ڪافي تحقيقي ڪم ٿيو آهي.(neuropsychology)جي پيٽ ۾ نئين شاخ آهي. حالانڪ دماغ ۽ ان سان لاڳاپيل بيمارين جو ذڪر پراڻي مصر ۽ ارسطو جي لکڻين ۾ به ملي ٿو ليڪن اها سائنس و دماغ(brain)۽(mind)جي وچ ۾ اثر قبول ڪرڻ جي مطالعي سان بحث ڪري ٿي. شروعاتي دماغي مريضن يا دماغ تي ڌڪ لڳڻ جي سبب کان پيدا ٿيڻ وارن مريضن تي تحقيق ان جو اصل مقصد هو هوريان هوريان ڪجھ سائنٽزم جي اثر هيٺ ۽ ڪجھ غير ضروري حيرانيت جي بنياد تي ان ميدان جي محققن ان جي مطالعي جي بنياد تي شعور ۽ مذهب مزاجي، مذهبي تجربي ۽ مابعد الطبيعاتي (metaphical)مظهرن کي به شامل ڪري ڇڏيو ۽ هڪ نئين شاخ جو وجود پيو جنهن کي (neuropsychology of religion)سڏيو وڃي ٿو گناه نفسيات ۾ دماغ ۽ ذهن ۽ شعور ۽ چرير ڪندڙ طاقت جي سطح ۽ ان کان اڳ جا ڪافي سمورا تصور ۽ ڊگها آهن جيڪي هتي بحث جي هيٺان اچي سگهيا.

"اسان سڀ موت جي حوالي هڪ نوجوان جي هڪ خط ۾ ڪنيل ڪجھ سوالن جو جواب ڏيندي ڊاڪٽر خالد لکي ٿو ته جڏهن اسان انساني تاريخ ۽ انساني شعور جي ارتقا جو مطالعو ڪيون ٿا ته اسان کي اندازو ٿيئي ٿو ته تاريخ جي مختلف دورن ۾ مختلف روايتن جنم ورتو ۽ واڌ حاصل ڪئي انهن سمورين روايتن منجهان چار روايتون نهايت مقبول آهن.

پهرين روايت مذهبي روايت آهي. ايران ۾ زرتشت هڪ خدا، وحي، آسماني ڪتاب، نيڪي بديءَ جنت دوزخ پيش ڪيو جيڪو ان دور ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ اڄ هڪ لک يهودي، عيسائي ۽ مسلمان ان فلسفي کي دل سان سانڍين ٿا. ان روايت پيروڪارن جو ايمان آهي ته هن دنيا ۾ انهن جو امتحان ٿي رهيو آهي ۽ انهن جي روح کي قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو.

ٻي روايت روحاني روايت آهي. هندستان ۾ ٻڌا ۽ مهاويرا ان روايت کي پيش ڪيو ۽ روح جو اهڙو تصور پيش ڪيائين ته جيڪو بار بار دنيا ۾ اچي ٿو ۽ جڏهن ڪنهن انسان جي روح کي نروان ملي وڃي ٿو ته اهو روح. روح ڪال جو حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ واپس دنيا ۾ نٿو اچي. اڄ به لکين هندومت ۽ ٻڌمت ان فلسفي جا پوئلڳ آهن.

ٽين روايت انسان دوستي جي روايت آهي. جنهن کي چين جي فلسفي ڪنفيوشن ۽ شاعر لائوزر پيش ڪيو هن جو موقف هو ته ڪنهن انسان کي بهرو انسان بنجڻ جي لاءِ ڪنهن خدا يا مذهب جي ڪا ضرورت ناهي. اهو پنهنجي عقل ۽ شعور جي روشني کان اعلي انسان بڻجي سگهي ٿو ڪنفيوشن انسانيت کي سونهري اصول جو تحفو ڏنو ۽ مشورو ڏنو ته ٻين انسانن سان اهڙو ئي سلوڪ ڪيو جيئن ته اوهان چاهيو ٿا ته اهي اوهان سان ڪن.

چوٿين روايت سائنسي روايت آهي. جنهن جي شروعات يونان کان ٿي. ان روايت کي بقراط، سقراط، افلاطون ۽ ارسطو شروع ڪيو. انهن جي فلسفي جي کک کان جديد سائنس جنم ورتو. اٺين کان ٻارهين صدي تائين مسلمان فلاسافرن يوناني فلسفين جي ڪتابن جو ترجمو ڪيو اهو مسلمانن جو ڀهريون سونهري دور سڏجي ٿو ۽ ان دور ۾ الڪندي، الرازي، الفارابي ۽ بوعلي سينا جهڙن طبيبن ۽ دانشورن جو وڏو چرچو هو ليڪن بعد ۾ ابوحامد غزالي جو دور آيو هن مسلمانن کي مشورو ڏنو ته اهي سائنس، رياضي ۽ طب جي ڪتابن کي ڇڏي ڪري الهامي ڪتابن جو مطالعو ڪن ۽ روحانيت کي ڇاتيءَ سان لاٿين. ان دور ڪانپوءِ مسلمان سائنس ۽ فلسفي کان ڏور ۽ مذهب ۽ روحانيت جي ويجهو ٿي ويا. ان دور ڪانپوءِ مسلمان سائنسدان ۽ فلسفي پيدا ڪرڻ جي بجاءِ شاعرن ۽ صوفين کي وڏي انگ ۾ پيدا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

دلچسپي جي ڳالهه اها آهي ته مسلمانن کان وڌيڪ عيسائين ۽ يهودين فائدو ورتو ۽ انهن جي نظرين جي بنيادن تي سائنس فلسفي ۽ نفسيات جون وڏيون عمارتون تعمير ڪيون. جيڪي ڪتاب انساني تاريخ ۾ الهامي ڪتاب سمجهيا وڃن ٿا. منهنجي نگاهه ۾ اهي لوڪ ورثي جو حصو آهن. جيتوڻيڪ مان انهن جو ته دل سان احترام ڪريان ٿو ۽ انهن کي وڏدم جو حصو سمجهان ٿو اهي ڪتاب سائنس جا ڪتاب نه بلڪ اخلاقيات ۽ ادب جا ڪتاب آهن. منهنجو خيال ته جڏهن غيرسائنسي مذهبي سائنسدان پنهنجي تحقيق کان ڪا نئين دريافت ڪري وٺن ٿا ته مذهبي ماڻهو پنهنجي آسماني ڪتاب جي تي تفسير ڪري ان تحقيق جو آسماني ڪتاب ۾ ذڪر ڳولي وٺن ٿا. مان توراة، زبور، انجيل ۽ گيتا کي مڃڻ وارن کان پڇان ٿو ته جيڪڏهن سمورو علم ابهن ڪتابن ۾ موجود آهي ته پوءِ اسان جي ايتري تحقيق ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اهي اڄ جي دور ۾ ڪينسر ۽ ايڊز جي مرضن جو علاج اسان کي ٻڌائين. ليڪن جڏهن ڪو ڌهريو سائنسدان جنهن الهامي ڪتاب ناهن پڙهيا. ڪينسر ۽ ايڊز جو علاج دريافت ڪري وٺندو ته اهي مذهبي اڳواڻ چوندا ته ان جو ذڪر ته ٻه هزار سال اسان جي الهامي ڪتاب ۾ موجود هو.

گذريل ٻن صدين ۾ جن فلسفين ۽ سائنسدانن ۽ نظرين مذهب جي بنيادن کي ڏوڏي وڌو ۽ اسان کي معروضي انداز کان سوچڻ سمجهڻ سيکاريو انهن ۾ چارلز ڊارون، سگمنڊ فرائڊ، جارل مارڪس، فيڊريڪ نيتشي، برٽينڊرسل سان گڏوگڏ پال سارتر به شامل هئا.

مذهبي عقيدي ۽ وجوديت جي فلسفي ۾ هڪ بنيادي ٽڪراءُ آهي. مذهب بهترين نظريو(essence)مجرائي ٿو پوءِ مصر ٿيئي ٿو ته انسان پنهنجي زندگي(existence) نظريي جي مطابق گذاري. چاڪاڻ ته مذهبي سوچ جي مطابق (essence precedes existence)مذهب جي مقابلي ۾ وجوديت جو فلسفو چئي ٿو ته انساني زندگي (existence)بنيادي اهميت رکي ٿي، ۽ پيو ڪو به نظريو (essence)ثانوي آهي. چوته(existence)مذهب عقيدي تي انساني زندگي قربان ڪري ٿو. جڏهن ته وجوديت جو فلسفو انساني زندگي تي عقيدو ۽ نظريو قربان ڪري ٿو وجوديت جو فلسفو هر انسان کي مشورو ڏيئي ٿو ته اهو پنهنجي زندگي جا فيصلا سوچي سمجهي ڪري ۽ پوءِ اعمالن جي نتيجن جي ذميواري کڻي.

وَڏي جَنِ وِڏياسِ، وَري ويجَ ئِي سي ٿِيا؛
تُرتُ ٻڌائُون ٻِتيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تِنين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِئين.

اليڪشن ۽ دڙي سميت سنڌ جا بنيادي مسئلا!

محمد انور ميمڻ

هن ملڪ ۾ اونداهي ڪاري ڪڪرن جيان آهي، هڪ طرف قدرتي مصيبتون ۽ ٻيون هٿ ولي پيدا ڪندڙن مسئلن جي ڪنهن تي به ڪا معيار ڪونهي! هٿرادو پيدا ڪيل مصيبتن جي ڳرمار ڪٿي پئي وڃي. جمهوريت جي رکوالي ڪندڙ ئي جمهوري عوام کي پنهنجي هٿن سان لٽي، ماراٽي، ڦُرائي رهيا آهن. يا ته هن جو شايد پيدا ڪندڙ ڪوڙ ڪو هوندو، جو تباهه ٿيندڙن کي وڌيڪ هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي. 75 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي ۽ سنڌ جي هر ضلعي، هر تعلقي، هر شهر ۽ هر ڳوٺ کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي! هڪ طرف ڀوتارن، ٻئي طرف آفيسرن جيڪي ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن کي ڀُڙي لٽي رهيا آهن ته ٻئي پاسي لاقانونيت، بدامني حد کان وڌي وئي آهي. شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جيڪي اسٽريٽ لائيٽون منظور ٿيون اهي ڪٿي آهن؟ شهري ۽ ڳوٺاڻا اونداهين ۾ ڌڪا ٺاپا کائي ايمرجنسيءَ ۾ ٻاهر نڪرن ٿا ته بدامني، ڦرلٽ، ڌاڙا، اغوا جو خوف، خون خرابي جهيڙا جهڳڙا، ته ٻئي پاسي وري منشيات، جوا، آڪڙا پرچي، چرس، آفيم، ڀنگ، شراب، نرو، مين پوري، گٽڪو پوليس جي تعاون سان هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ کلي عام هلي رهيو آهي. ته ٻئي طرف وري مهنگائيءَ جو راڄ وڌي رهيو آهي. غريب هڪ ويلي کائڻ تي مجبور آهي. انهن جا هي به مسئلا آهن، تعليم، صحت، پاڻي، صفائي ستھرائي، بجليءَ جو نظام، هن وقت مک ۽ مڇر جو آزار، چورين، خاص ڪري موٽرسائيڪلن جي چوري تمام گهڻي ٿي رهي آهي، جڻ پوليس آهي ئي ڪونا ٿاڻا آهن يا نه؟ ڊي ايس پي آهي يا نه؟ ايس پي آهي يا نه؟ آءِ جي، ڊي آءِ جي هن طرف الائي جو توجه نٿا ڏين؟

اوهان کي اهو به ٻڌائيندو هلان ته تعلقي ميرپوربٺوري جي 12 يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ڪميٽين ۾ ڪيترن ئي سالن کان ڪروڙين رپين جا فنڊ اچي رهيا آهن. پر انهن جو ڪو به وجود ناهي! ترقياتي ڪم جيڪي ٿيا اهي تسلي بخش ناهن. اڃا ڪجھ پڪين گهٽين وارو ڪم اڌ ۾ ڇڏيل آهي. ناليون، نالا ٻيا ڪافي ضروري ترقياتي ڪم رهيل آهن. ڪروڙين رُپيا فنڊ اچي رهيو آهي. ان جو ڪو به وجود ناهي. ڪجھ پڪن ملازمن جا پگهار ۽ ڄُڳاڙي ڪمن جا ڪوڙا بل ناهي، بجيٽ جا پئسا هڙپ ڪندا رهندا آهن. باقي رقم جو ڪو به حساب ڪتاب ناهي! ڪو به هن کان پڇڻ وارو ناهي! نلڪا ورهائڻ، ڪجهن گهٽين کي پڪو ڪرڻ، پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرڻ بهاني رقم ڪاغذن ۾ ڏيکاري هڙپ ڪندا آهن باقي رقم ٽائون آفيسر، سيڪريٽري ۽ ڀوتار ملي ڪاغذن ۾ ترقياتي ڪم ڏيکاري ڇڏيندا آهن. ٽائون آفيسر ۽ سيڪريٽري مهيني جا ٻه ڏينهن آفيسن ۾ حاضر هوندا آهن باقي ڀوتارن جي اوطاقن تي حاضري ڀري غائب هوندا آهن. دڙو شهر جي ٽائون ڪميٽي، درياه خان سوهو، مهر شاهه بٺورو، جهوڪ شريف ۽ ٻين يونين ڪائونسلن جا ترقياتي ڪم ڪٿي ٿيا آهن؟ ڪٿي ڪٿي اڌ ۾ پيل آهن. پيئڻ جي صاف پاڻي، روڊ رستن جي سهولت کان ڳوٺن جا ڳوٺ، شهرن جا شهر محروم آهن. ترقياتي ڪم ڪافي هنڌن تي رهيل آهن جن ۾ دڙو شهر، جنهن ۾ برسات وقت گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل هوندو آهي. گهٽيون اڌ ۾ رهيل آهن.

دڙي شهر ۾ واٽين جي دور کان ٻه اڳ جي واهي ڪوهه ٺهيل هو جنهن مان سڄو شهر پيئڻ لاءِ پاڻي ڀريندو هو هن وقت ان ۾ ٽائون ڪميٽيءَ جي ملازمن هٿان گند ڪچرو وجهي بند ڪرايو آهي. قبضي مافيا پنهنجي وسان ڪونه گهٽايو آهي. قبضو ڪرڻ چاهي ٿي. اسان اپيل ٿا ڪريون ته گند ڪچرو ڪڍائي ڪوهه صاف ستھرو ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ٿي سگهي. اسان جي شهر دڙي جي شاهي بازار کان شيخن جي هوٽل تائين ۽ جامع مسجد گهٽي، پٽا محلا، عباسي محلا، بس اسٽاپ ۽ ٻين ڪافي جاين تائين اڌ ۾ ڪم ڇڏيل آهن ۽ اڳوڻن ڪمن جي جانچ پڙتال ڪئي وڃي.

سائين منهنجا سنڌ جو هر شهر تباهيءَ طرف وڌي رهيو آهي. خدارا انصاف ڪيو وڃي. سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن کي اقتدار مان ٽري ڪڍيو وڃي. سنڌ هيٺئر ڏڪاري آهي، مصيبتن ۾ مبتلا آهي، سنڌ جي عوام کي اپيل ٿا ڪريون ته سوچي سمجهي ووٽ جي طاقت امين ماڻهن جي حوالي ڪن. 15 سال عوام ڏڪاري رهي آهي، خدارا انصاف ڪريو.

01 بقايا ***

هو ته شاهه محمود قريشي جي گرفتاري جي اڳ ۾ مذمت ڪئي ۽ هاڻ به ڪيان ٿو پر ڇا پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي پنهنجي موقف کي تبديل ڪيو؟ سڀ کان اڳ عمران خان کي توبهه ڪرڻ گهرجي، تحريڪ انصاف کي پنهنجي قدمن تي معافي وٺڻ گهرجي.

02 بقايا ***

اعتراض پي ٽي آءِ جي مقامي اڳواڻ شاهد رفيق ريٽرننگ آفيسر وٽ داخل ڪرايا. درخواستگذار چيو ته نوازشريف کي سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني بينچ تاحيات نااهل قرار ڏنو آهي ۽ لاڳاپيل ريٽرننگ آفيسر مجاز نه آهي ته اهو نوازشريف کي چونڊن جي لاءِ اهل قرار ڏئي. ريٽرننگ آفيسر حاجره سميع نامزدگي ڪاغذن تي داخل اعتراضن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جي وڪيلن طرفان دليل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو. جنهن کان پوءِ ريٽرننگ آفيسر ڪجھ دير کان پوءِ فيصلو ٻڌائيندي پي ٽي آءِ جي اعتراضن کي رد ڪندي نوازشريف جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا.

03 بقايا ***

ڪميشن کي گهربل ۽ ضروري تعاون فراهم ڪندي. ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ دهشتگرد گروپن جون پاڙيسري ملڪن ۾ محفوظ پناهه گاهن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ پاڙيسري ملڪ سان دهشتگردي جي ڪاروائين ۽ جديد ترين هٿيارن جي موجودگي کي پاڪستان جي سيڪيورٽي لاءِ خطرو قرار ڏنو ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان کي غير مستحڪم ڪندڙ دشمن طاقتن جي اشاري تي ڪم ڪندڙ ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪندڙ عناصرن خلاف طاقت سان منهن ڏنو ويندو. آءِ ايس پي آر موجب ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ فلسطيني عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ غزه ۾ انساني حقن جي سنگين پڇڪڙين ۽ جنگي ڏوهن جي مذمت ڪئي وئي جڏهن ته غزه ۾ فوري جنگبندي ۽ تڪرار جي پرامن حل جي مطالبي تي حڪومتي موقف جي حمايت ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ آرمي چيف آپريشن دوران پيشہ وارانہ مهارت جو معيار برقرار رکڻ، ذهني ۽ جسماني شعبن ۾ فارميشنز جي تربيت دوران بهترين ڪارڪردگي تي به زور ڏنو ويو فورم پرڏيهي سرمائيڪاري جي حوصلا افزائي جي لاءِ جاري ڪوششن جي حمايت جو به ارادو ڪيو ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ اسمگلنگ، مني لانڊرنگ، بجلي چوري ۽ ذخيرو ڪندڙن جي خلاف ڪاروائين جو جائزو ورتو ويو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته پاڪ فوج ڏوهن کي روڪڻ جي لاءِ سرڪاري لاڳاپيل ادارن کي هر طرح جي مدد ڏيندي رهندي.

04 بقايا ***

ويا. پاڪستان کي اسلامي ملڪ جي سڃاڻپ ڏني وڃي، عوام سان اسان جو رابطو ۽ تعلق نظريات جي بنياد تي آهي. ٽائم اليون کان پوءِ حڪمرانن جي ترجيحات اسلامي پاڪستان نه رهي آهي هن چيو ته اميدوارن کان نامزدگي ڪاغذ ڦڙڻ اصولي طور تي غلط آهي. پي ٽي آءِ سان زيادتي نه ٿي رهي آهي. انهن کي اڳيان آڻڻ جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن کي سپريم ڪورٽ جي حڪم تي شيڊول جاري ڪرڻو هو ته اليڪشن ڪميشن ڪيئن آزاد ٿيو؟ چونڊن جو ماحول گهڙڻ منهنجو

حق آهي، مان جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪريان ٿو ته چيو ويندو آهي ته مان چونڊن جي مخالفت ڪري رهيو آهيان، ڇا اسان اهڙي صورتحال تي به نه ڳالهايون ته اسان کي چونڊن جو ماحول ڏنو وڃي، اڳوڻي وزير چيو ته ٻن صوبن ۾ بدامني جو ماحول آهي، اسان هميشه چيو چونڊن ۾ هڪ جهڙو ۽ پرامن ماحول هجڻ گهرجي. فاٽا جو عام ماڻهو پريشان آهي فاٽا سان ڪيل واعدن کي پورو نه ڪيو ويو فاٽا جي عوام کي سياسي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي، مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان پاڙيسري ملڪن سان پرامن لاڳاپا چاهيون ٿا، مسئلن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جا قائل آهيون. اسان ڪشمير مسئلي کي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب حل ڪرڻ چاهيون ٿا، پارٽ هٿ ڌرمي ۽ طاقت جي استعمال بجاءِ پرامن حل طرف اچي جي يو آءِ اڳواڻ چيو ته اسان افغانستان سان پاڙيسري لاڳاپا ۽ استحڪام جا قائل آهيون. افغانستان طرفان مون کي باضابطه دوري جي دعوت ڏني وئي آهي. پاڪستان جو استحڪام افغانستان جي ضرورت آهي. مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته اسرائيلي بمباري سبب فلسطين ۾ 20 هزار کان وڌيڪ شهري شهيد ٿي چڪا آهن دنيا کي اسرائيل جي جنگي ڏوهه جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. آمريڪا ۽ يورپ هڪ طرف انساني حقن جون ڳالهيون ڪندا آهن ته ٻئي طرف اسرائيل کي سپورٽ ڪري رهيا آهن انساني حقن جي تنظيمن کي اسرائيل جي جنگي ڏوهه تي آواز اٿارڻ گهرجي.

05 بقايا ***

ساٿي ملڪن جي معاشي ماڊلز کان پٺتي رهجي ويو آهي، عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر پاڪستان بابت پنهنجي پاليسي ويئن آرٽيڪل ۾ لکيو آهي ته ملڪ ٻيهر غربت ۾ وڃڻ شروع ٿي وئي آهي عالمي بينڪ موجب ملڪي ترقيءَ جا فائدا رڳو مخصوص طبقي تائين پهچي رهيا آهن. ملڪ جي ناڪام معاشي پاليسين کي تبديل ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي، پاڪستان موسمياتي تبديلين کان گهڻو متاثر ٿيو آهي هن چيو ته موسمياتي تبديلي جي جهٽڪن جا امڪاني تباهه ڪندڙ اثر اڳ ئي ظاهر ٿي چڪا آهن. پاڪستان کي زرعي خوراڪ ۽ توانائي جي شعبن ۾ پاليسين جي ناڪامي ۽ بگاڙ کي ختم ڪرڻ گهرجي

06 بقايا ***

ڳالهين لاءِ تيار آهي، ذريعن ٻڌايو آهي ته ايم ڪيو ايم اين اي 243 ڪياماڙي، اين اي 229، 230 ۽ 231 مليرجي سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي ڳالهين جي لاءِ تيار آهي جڏهن ته ايم ڪيو ايم اين اي 239 ضلع جنوبي جي به سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي تيار آهي ذريعن موجب پنجن قومي اسيمبلي جي سيٽن ۾ ايندڙ 10 صوبائي سيٽن تي به ايم ڪيو ايم ڳالهين جي لاءِ تيار آهي. پر ايم ڪيو ايم اهڙين سيٽن کان علاوه ڪراچي جي ڪنهن به سيٽ تي ڳالهين جي لاءِ تيار نه آهي.

07 بقايا ***

سمورن ڪيسن ۾ جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو آهي. پراسيڪيوٽر موجب شاهه محمود قريشي جي خلاف 9 مئي سانحي تي راولپنڊي ضلعي ۾ 12 ڪيس داخل ٿيل آهن. پي ٽي آءِ اڳواڻ جي ايچ ڪيو آرمي ميوزيم حملو، حساس اداري جي آفيس تي حملو، ميٽرو بس اسٽيشن ساڙڻ جي ڪيسن ۾ به نامزد آهي جڏهن ته ان جي سمورن 12 ڪيسن ۾ گرفتاري ظاهر ڪئي وئي آهي. پراسيڪيوٽر عدالت کان استدعا ڪئي ته شاهه محمود تان سمورن ڪيسن ۾ هڪ ئي وقت جاچ ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. ان کان علاوه پراسيڪيوٽر سمورن 12

ڪيسن ۾ شاهه محمود جي 2 جنوري تائين جسماني ريمانڊ جي به استدعا ڪئي آهي شاهه محمود قريشي جي خلاف 9 مئي، جي ايچ ڪيو حملي ڪيس ۾ سرڪاري وڪيلن سندس جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي ۽ پراسيڪيوٽر وڊيو بيان کي عدالت ۾ بطور ثبوت جي طور تي پيش ڪيو پراسيڪيوٽر عدالت کي ٻڌايو ته شاهه محمود قريشي سوشل ميڊيا اڪائونٽس تي احتجاج جو سڏ ڏنو اسان وٽ پڪا ثبوت آهن ته اهو حملو ادارن جي خلاف هو جنهن جي روشني ۾ ڪيس ۾ گرفتار ڪري سگهجي. اسان کي اهو ڏسڻو آهي ته احتجاج جي سڏ پٺيان ڪهڙا ماڻهو ملوث هئا. پراسيڪيوٽر چيو ته دهشتگردي جي ڪيس ۾ 90 ڏينهن تائين جو ريمانڊ ڏئي سگهجي ٿو اسان ايف آءِ اي، پيمرا ۽ ادارن کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. شاهه محمود قريشي جي وڪيل علي بخاري پنهنجي دليلن ۾ چيو ته جي ايچ ڪيو ڪيس ۾ 12 جوابدارن جي ضمانت منظور ٿي چڪي آهي، عدالت ۾ پيش ڪيل تقرير 16 سيپٽمبر جي آهي ان جو 9 مئي سان ڪيئن تعلق ٿي سگهي ٿو هي ڪيس جنهن نوعيت جو آهي ان کي ڏسچارج ڪيو وڃي. جنهن کان پوءِ عدالت پراسيڪيوٽر جي جسماني ريمانڊ جي استدعا رد ڪري ڪيس سمورن ڪيسن ۾ 14 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ تي اڊيالا جيل اماڻي ڇڏيو

08 بقايا ***

رهيو آهي ۽ نه اسان کي موقعو ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته اسان کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، اسان کي ٻ ٻ ۽ محترمہ بينظير ڀٽو سان عشق آهي پر ٽڪيٽ نه پئي ڏني وڃي، اسان جو حق آهي ته چونڊون وڙهون، اعليٰ قيادت کي درخواست ڪري رهيا آهيون ته اسان کي ٽڪيٽ ڏئي

09 بقايا ***

جسماني ريمانڊ بابت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو هو راولپنڊي پوليس شاهه محمود قريشي کي هٿڪڙيون هڻي عدالت ۾ پيش ڪيو ۽ 30 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي شاهه محمود قريشي عدالت کي هٿڪڙيون لڳل هٿ مٿي ڪري ڏيکاريا. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته حلف کڻي چوان ٿو ته 9 مئي تي مان راولپنڊي ۾ نه پر ڪراچي ۾ هيس، پيمرا کان ريڪارڊ گهرائي ڏسو هن چيو ته منهنجي گهر واري آغا خان اسپتال ۾ هئي ۽ مان هن سان گڏ هيس، هڪ طاقتور ترين شخص به چيو ته توهان جو 9 مئي واقعن ۾ ڪو ڪردار ناهي، چيمبر ۾ توهان کي ان شخص جو نالو ٻڌائڻ لاءِ تيار آهيان

10 بقايا ***

مليل ڄاڻ موجب ملڪ جي وڏي ڪنسلٽنٽ ڪمپني ريلائنس جو سي اي او مهيش ڪمار هاسيجا متحده جي پليٽ فارم تان اقليتي ايم پي اي جي چونڊ وڙهي رهيو آهي. متحده پنهنجي لسٽ ۾ مهيش هاسيجا کي پهرين نمبر تي نامزدگي ڏني آهي هن وقت مهيش ڪمار جو ڀاءُ انجنيئر ايشور لال وري سنڌ آبپاشي کاتي جو وزير آهي، ساڳئي ريت سنڌ تعليم کاتي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر شيرين ناريجو جي ٽيائي ريحانه مصطفيٰ سهاڳ وري خيرپور جي ٽڪ پي ايس 31 تي اميدوار آهيهن منظور وسان، جاويد شاهه جيلاني ۽ بجل شاهه جيان ٻ ٻ کي ٽڪيٽ لاءِ درخواست پڻ ڏني آهي

11 بقايا ***

سکر جي صوبائي ٽڪ پي ايس 25 تي اڳوڻي صوبائي وزير ناصر شاهه جا نامزدگي فارم بحال ٿي وياعورتن جي مخصوص سيٽ تي نامزد نون ليگ جي اميدوار مختيار ناز ڏاريجو عرف وڏيري نازو جا اليڪشن ڪميشن پاران نامزدگي فارم منظور، ڪنڌڪوٽ جي قومي ٽڪ اين اي 191 تي اڳوڻي وفاقي وزير احسان مزاري جا نامزدگي فارم بحال ٿي ويا ساڳئي ٽڪ تي اڳوڻي ايم اين اي نصرالله خان بجاراڻي جي پٽ ۽ جي يو آءِ اڳواڻ شاهزين بجاراڻي جا نامزدگي فارم منظور، ٺٽي جي قومي ٽڪ اين اي 225 تي پيپلزپارٽي جي ناراض اڳواڻ رسول بخش جاکرو جا نامزدگي فارم بحال ٿي ويا ميرپور ساڪرو جي صوبائي ٽڪ پي ايس 76 تي جي يو آءِ اڳواڻ حافظ سعيد جا نامزدگي فارم منظور، متياري جي صوبائي ٽڪ پي ايس 57 تي نوازليگ جي صالح جکريجو، آبادگار اڳواڻ نويد سمون ۽ سعيد جگدال جا نامزدگي فارم بحال ٿي ويا متياري جي قومي ٽڪ اين اي 216 تي پيپلزپارٽي جي اڳواڻ مخدوم احمد زمان، علي مرتضيٰ شاهه، علي حڪيم ۽ نازش پٽي جا نامزدگي فارم بحال ٿي ويا

12 بقايا ***

نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ پيسڪو آفيسرن جي مفت بجلي يونٽن جي خاتمي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ واپڊا آفيسرن لاءِ مفت بجلي يونٽن جي خاتمي جو فيصلو معطل ڪيو ويو. عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي جواب طلب ڪري ورتو. وفاقي حڪومت ۽ واپڊا کي نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته پيسڪو آفيسرن مفت بجلي فراهمي لاءِ درخواست داخل ڪئي. 5 ڊسمبر جي هڪ پڌرائيءَ ذريعي سهولت ختم ڪئي وئي. نگران حڪومت وٽ اهو اختيار ناهي.

13 بقايا ***

پسند قمبراڻي پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن سان گڏجي اسانجي گهر اندر گهڙي منهنجي ڌيءَ کي رسن سان ٻڌي بيدرديءَ سان قتل ڪيو جنهن کان پوءِ جوابدار ڀاڻ سان گڏ رسن سان هٿ ٻڌل هڪ اڻ سڃاتل نوجوان کي اسانجي گهر اندرئي مٿي ۾ لوهي سريا هڻي مرڻينگ حالت ۾ ڦٽو ڪري مون کي ڌمڪيون ڏيندا فرار ٿي ويا، ٻئي طرف مقتول ناري جو مڙس پسند قمبراڻي ۽ سندس ڀاءُ پوليس وٽ پيش ٿيا. هن چيو ته اسان غيرت ۾ اچي بينظير کي قتل ڪيو آهي. هو ڪاري هئي. اسان کي قتل ڪرڻ تي ڪو پڇتاءُ نه آهي. هوڏانهن مرڻينگ ۽ بيهوشي واري حالت ۾ پيل نوجوان جي سڃاڻپ شهزاد پيرولد فيض محمد پير جي نالي سان ڪئي وئي آهي. زخمي نوجوان کي سندس وارث ايمبولينس ذريعي کڻائي ويا جڏهن ته پوليس مقتول ناري بينظير قمبراڻي جو مڙهه پوسٽ مارٽم لاءِ دادو اسپتال اماڻي ڇڏيو

14 بقايا ***

جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، 9 ۽ 10 مئي جي پاليسي ٺاهيندڙن کي سزا نه پئي ڏني وڃي، هن چيو ته منصوبابندي مڪمل ٿي چڪي آهي. سهولتڪاري چڪوال مان شروع ٿئي ٿي. بنديال کان ثاقب نثار تائين سڀ ٻيهر گڏ ٿي رهيا آهن. ڪڏهن بيت وڃي ٿي ته ڪڏهن اچي ٿي. جيڪڏهن وقت تي 9 مئي جو منصوبو ٺاهيندڙن کي سزا ملي ها ته ائين نه ٿئي ها.

15 بقايا ***

ڪري ورتو ڪمرشل بئنڪنگ سرڪل ڪراچي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر علي مراد موجب جوابدار عبدالله شهرين کي گهٽ قيمت جي آڙ ۾ جعلي ڊالر وڪرو ڪندو هو. سندس قبضي مان 1600 جعلي آمريڪي ڊالر برآمد ڪيا ويا. ايف آءِ اي ترجمان موجب هڪ متاثر شهري جي درخواست تي ڪارروائي ڪئي وئي ۽ گرفتاري لاءِ ٽيڪنيڪي وسيلا استعمال ڪيا ويا. جوابدار کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

16 بقايا ***

عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جي ٽن ٽڪن ۽ هڪ صوبائي سيٽ تي اميدوار آهي. 13 آگسٽ 1998ع کان 12 آڪٽوبر 1999ع تائين بلوچستان جو اڳوڻو وڏو وزير رهندڙ جان محمد جمالي به چونڊن جي لاءِ ميدان ۾ لٿل آهي اهو بلوچستان عوامي پارٽي جي ٽڪيٽ تي هڪ صوبائي سيٽ تي چونڊون وڙهي رهيو آهي. ان کان علاوه 9 اپريل 2008ع کان 16 جنوري 2013 تائين بلوچستان جو وڏو وزير رهندڙ نواب اسلم خان رئيساڻي هن ڀيري جمعيت علماء اسلام (ف) جي پليٽ فارم تان مستونگ مان بلوچستان اسيمبلي جي سيٽ تي چونڊ وڙهندو نيشنل پارٽي جو سربراهه ڊاڪٽر مالڪ بلوچ جيڪو 7 جون 2013 کان 23 ڊسمبر 2015ع تائين بلوچستان جو اڳوڻو وڏو وزير رهيو جيڪو هاڻ ايندڙ عام چونڊن 2024 ۾ مڪران کان قومي اسيمبلي جي هڪ ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تان ميدان ۾ زور آزمائي ڪندو. هوڏانهن 24 ڊسمبر 2015ع کان 9 ڊسمبر 2017ع تائين بلوچستان جو وڏو وزير رهندڙ نواب ثناءالله زهري هن ڀيري پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي هڪ قومي اسيمبلي جي سيٽ ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي ميدان ۾ لهندو. بلوچستان عوامي پارٽي جو پهريون صدر ۽ اڳوڻو وڏو وزير جام ڪمال خان هن ڀيري مسلم ليگ(ن) جي ٽڪيٽ تي هڪ قومي ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي عام چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو آهي. ان کان علاوه 2 ڀيرا بلوچستان جو وڏو وزير رهندڙ مير عبدالقدوس بزنجو هن ڀيري پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي آواران مان بلوچستان اسيمبلي جي هڪ سيٽ تان اميدوار

آهي. نومبر 2007ع کان اپريل 2008ع تائين اڳوڻو نگران وڏو وزير رهندڙ سردار محمد صالح ڀوتاڻي صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي بي 21 تان چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو آهي.

17 بقايا ***

محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي چيو ته فواد حسن فواد نجڪاري جو وزير آهي. نجڪاري جو هڪ وزير چونڊ عمل تي ڪيئن اثر انداز ٿي سگهي ٿو. فواد حسن فواد وزير برقرار رهندو درخواست گذار سيد عزيز الدين ڪاڪا خيل پنهنجي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو هو ته فواد حسن فواد نوازليگ جو ماڻهو آهي. نگران وفاقي وزير طور هو چونڊ عمل تي اثر انداز ٿي سگهي ٿو اليڪشن ڪميشن درخواست رد ڪري ڇڏي ساڳئي ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي حڪم تي نگران وزيراعظم جو صلاحڪار احد چيما برطرف ٿي چڪو آهي

18 بقايا ***

۽ جنگي تياريون تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. اتر ڪوريا جي اڳواڻ جو چوڻ آهي ته جنگي تياريون وڌائڻ جو مقصد آمريڪا جي ڪنهن به جارحاڻي قدم کي منهن توڙ جواب ڏيڻ آهي. اتر ڪوريا جي سرڪاري خابرو اداري جو چوڻ آهي ته حڪمران جماعت جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪم جونگ اُن جو چوڻ هو ته اتر ڪوريا اهڙن سمورن ملڪن سان رابطا ۽ لاڳاپا وڌائيندو جيڪي موجوده سامراجي قوت سان گڏ نه آهن ۽ خود مختيار آهن.

19 بقايا ***

ٽڪ پي ايس 19 تي خالد لنڊ ۽ باري پتافي وچ ۾ پيدا ٿيل اختلاف ختم ڪرائيندو ذريعن موجب بلاول جي دوري دوران پي ايس 19 تي خالد لنڊ ۽ علي گوهر مهر کي باري پتافي جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو ويندو. ذريعن موجب پي ايس 19 ڏهرڪي تي اختلافن جي نبيري لاءِ نادر اڪمل لغاري جي علي گوهر مهر ۽ خالد لنڊ سان ڳجهي ملاقات به ڪرائي ويندي ذريعن موجب ڏهرڪي جي صوبائي ٽڪ پي ايس 18 تي نامزدگي فارم جمع ڪرائيندڙ شهريار شر ۽ جام مهتاب ڏهر جو تڪرار به نبيريو ويندو ذريعن موجب گهوٽڪي جي ٽڪن تي پارٽي اڳواڻن وچ ۾ سمورن تڪرارن جي نبيري تائين بلاول ڀٽو زرداري علي گوهرخان جي بنگلي تي موجود رهندو

20 بقايا ***

. ٻڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ جي اڳوڻن وزيرن ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر خلاف مردان، صوابي رود جي تعمير ۾ ڪرپشن جون شڪايتون مليون آهن ٻڌرائي موجب عاطف خان خلاف اسپورٽس ايند ٽورزم جي پراجيڪٽس ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جون شڪايتون آهن جنهن جو نوٽيس وٺندي نيب چيئرمين لاڳاپيل شڪايت تي باقاعده جاچ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

21 بقايا ***

جو چوڻ هو ته ناري جي وارثن شروعاتي بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته اقرا کي سندس پٽ اڪبر سومرو ڪارتهن الزام هيٺ گوليون هڻي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي. ايس ايڇ او هو به ٻڌايو ته ناري جي قتل بعد ٻنهي ڌرين ۾ سخت ڇڪتاڻ به پيدا ٿي جنهن بعد انهن واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آڻي ورتوعلائقي ۾ افواهه آهن ته ناري کي قتل ڪرڻ دوران جوابدار پهرين پنهنجي مامي ۽ ٻين وارثن سان منهن ماري ڪئي ۽ انهن ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اقرا کي گوليون هڻي فرار ٿي ويوناري جو لاش ٻه 3 ڪلاڪ واقعي واري هنڌ پيل هو. پجاري پوليس ڇڪتاڻ دوران ڪجھ ماڻهن کي گرفتار ڪيو پر سندن گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي وئي. آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جوابدار بابت ٻڌايو پيو وڃي ته مقتول ناري سندس مامي جي ڌيءَ آهي

22 بقايا ***

چلڊرين ڊراما انڊسٽري آرڊيننس ۽ سنڌ ايڪٽر رائلٽي آرڊيننس جي ناليءَ سان قانون تيار ڪيا آهن. ثقافت واري نگران وزير جنيد علي شاهه جو چوڻ آهي ته ڊراما انڊسٽري آرڊيننس تحت ٻارن جا ورڪنگ آور طئي ڪيا ويندا. ڊرامن ۽ فلمن ۾ ڪم ڪندڙ ٻارن کي اسڪول جي وقتن ۾ ڪم تي نه گهرايو ويندو ۽ رات دير تائين شوٽنگ ۽ رڪارڊنگ لاءِ نه روڪيو ويندو. هن چيو ته ٻارن کي اسڪول جي وقت گهرائڻ ۽ دير

سان ڇڏڻ تي ڪارروائي ٿيندي، خواهش آهي ته آرٽسٽ ٻار پنهنجو ڪم تعليم سان گڏ جاري رکن. سندس چوڻ هو ته سنڌ ايڪٽر رائلٽي آرڊيننس تحت فنڪارن کي تحفظ ملندو. فنڪارن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، فلم ۽ ڊرامي جي سوشل ميڊيا ۽ ٻي منافعي مان فنڪارن کي رائلٽي ڏني ويندي.

23 بقايا ***

ڪيو ويو ڪيس جي جوابدارن اسد شاهه جيلاني، فياض شاهه جيلاني، حنا شاهه، امتياز ميراسي کي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جج نديم بدر قاضي موڪل تي هجڻ سبب ڪيس جي ٻڌڻي نه ٿي سگهي جنهن سبب جوابدارن کي 8 فيبروري تي ٻيهر طلب ڪيو ويو آهي.

24 بقايا ***

۾ پڪڙيل آهن جتي دهند سبب مختلف شهرن ۾ فلائيٽ آپريشن متاثر ٿي ويو آهي، 2 درجن کان وڌيڪ اڏامون منسوخ ٿي ويون آهن جڏهن ته درجنين دير جو شڪار ٿي ويا آهن هوڏانهن ڪوهيڙي سبب ايم 2 شرڪر نياز بيگ کان بلڪسر تائين، موٽروي ايم 3 فيض پور کان صحرائي، موٽروي ايم 4 پنڊي ڀٽان کان فيصل آباد ۽ ايم 5 شير شاهه کان اوچ شريف تائين هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند آهي، جڏهن ته ايم 11 بند آهي، موٽر وي پڻ بند آهي ان کان علاوه لاهور ۾ هوا جو معيار به خراب آهي ۽ لاهور اڄ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ آلودگي وارن شهرن ۾ نمبر ون رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

25 بقايا ***

تي ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي جي شروعات تي جسٽس ميان گل حسن پڇائو ڪيو ته اوهان جو ڪهڙو موقف آهي؟ ان تي وڪيل عثمان گل چيو ته ڳالهه اها آهي ته فرد جرم لاڳو ٿيڻ کان اڳ قانوني عمل مڪمل نه ڪيو ويو جج جو نوٽيفڪيشن پهرين ڊسمبر تي ٻڌايو ويو ۽ ٽرائل روزاني بنيادن تي هلي رهيو آهي. عدالت پڇائو ڪيو ته هن وقت تائين ڪيترين شاهدن جا بيان مڪمل ٿي چڪا آهن؟ وڪيل چيو ته ڪل 27 شاهدن مان 25 جا بيان قلمبند ٿي چڪا آهن ۽ ٽن ڄڻن تي جرح مڪمل ٿي چڪي آهي. ٻڌڻي دوران عمران خان جي وڪيل سائفر ٽرائل تي حڪم امتناعي جاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي. جنهن کي عدالت رد ڪندي چيو ته پهريان نوٽيس جاري ڪنداسين. عدالت سائفر ڪيس ۾ فرد جرم خلاف درخواست تي وفاقي حڪومت کي نوٽيس جاري ڪندي عمران خان جي وڪيل کي ايندڙ ٻڌڻي تي سمورا ضروري دستاويز پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ٻڌڻي دوران عدالت ان ڪئميرا ٽرائل تي به سوال اٿاريا ۽ چيو ته اوپن ٽرائل جو مطلب آهي اوپن جنهن ۾ ميڊيا ۽ عوام کي اچڻ جي اجازت هجي. عدالت چيو ته ان ڪئميرا ٽرائل جي حوالي سان عدالت واضح حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ته جيل ٽرائل جو مطلب ان ڪيمرا ناهي پر اهو اوپن ٽرائل به ٿي سگهي ٿو. ان کي رڳو خاندان ۽ چند ماڻهن سان گڏ اوپن ٽرائل نٿو چئي سگهجي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 11 جنوري تائين ملتوي ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت چيو ته ڪيس ۾ رڪارڊ ڪيل شاهدن جا بيان قانوني سوال آهن. جن تي عدالت 11 جنوري تي ٻڌڻي ڪندي.

26 بقايا ***

ته ايران پنهنجي شهرين جي موت کي وساري نٿو سگهي، اسان جو بدلو ڏاڍو خوفناڪ هوندو. جنرل حسين سلامي چيو ته 7 آڪٽوبر تي اسرائيل خلاف طوفان الاقصيٰ جو آپريشن مڪمل طور تي فلسطيني آپريشن هو جيڪو خود فلسطينين طرفان ڪيو ويو ظلم ۽ بربريت جو ردعمل هو. هن چيو ته طوفان الاقصيٰ آپريشن غزه ۽ ويسٽ بئنڪ جي مظلوم فلسطينين جي سچي آواز طور سامهون آيو، غزه جي پٽي ۾ اسرائيل خلاف سرگرم حماس ۽ اسلامي جهاد پنهنجا هٿيار تيار ڪري رهيا آهن.

27 بقايا ***

۽ روس جا لاڳاپا وقت سان گڏ وڌيڪ مستحڪم ٿي رهيا آهن. پاڪستان ڪشميرين جي هر فورم تي حمايت جاري رکندو. ڀارتي سيڪيورٽي فورسز هٿين خالي ڪشميرين کي نشانو بڻائي رهي آهي. اسلام آباد ۾ هفتيوار بريفنگ ڏيندي ممتاز زهرا بلوچ چيو ته هلندڙ سال پاڪستان لاءِ سفارتي لحاظ کان اهم رهيو، پاڪستان جي اعليٰ قيادت جي دورن سان مختلف ملڪن سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا. پاڪستان ۽ روس جا لاڳاپا وقت سان گڏ وڌيڪ مستحڪم ٿي رهيا آهن. چوڻ هو ته هلندڙ سال اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف آذربائيجان، ترڪيه، يو اي اي ۽ برطانيا جا دورا

ڪيا، اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري عراق، هنگري، جاپان، روس ۽ يو اي اي جا دورا ڪيا جڏهن ته اڳوڻي مملڪتي وزير بيلجيم، ڊنمارڪ، ناروي، قطر، سريلنڪا، سويڊن، ازبڪستان ۽ برطانيا جا دورا ڪيا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو ته نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪويت ۽ گڏيل عرب امارتن جا ٻه طرفا دورا ڪيا. نگران وزيراعظم، چين، سعودي عرب، ازبڪستان، يو اي اي ۽ آمريڪا ۾ عالمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي. هن چيو ته نگران پرڏيهي وزير چين، آذربائيجان، يو اي اي ۽ برطانيا ۾ عالمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي، نگران پرڏيهي وزير لنڊن ۾ ڏهين ڪامن ويلٿ يوٿ وزارتي اجلاس جي صدارت ڪئي، آسٽريليا، آذربائيجان، چين، ڊنمارڪ، فرانس، فن لينڊ، برونائي، ايران ۽ جاپان سان ٻه طرفا صلاح مشورا ڪيا ويا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو ته پاڪستان ۽ روس جا لاڳاپا وقت سان گڏ وڌيڪ مستحڪم ٿي رهيا آهن، پاڪستان ڪشميرين جي هر فورم تي حمايت جاري رکندو، ڀارتي سڪيورٽي فورسز هٿين خالي ڪشميرين کي نشانو بڻائي رهي آهي.

28 بقايا ***

اميدوار نويد گولو جا فارم منظور ڪيا ويا پي ايس 5 ڪنڌڪوٽ لاءِ 6 اميدوارن جن ۾ مولانا راشد محمود سومرو، حافظ ربنواز چاچڙ، نويد گولو، عبدالعزيز سميجو، شفقت حسين سندراڻي ۽ احمد رضا سندراڻي جا فارم بحال ٿي ويا. پي ايس 6 تنگواڻي تي 3 اميدوارن جي يو آءِ جي عبدالقيوم هاليجوي، ڪفايت الله ڪوسو ۽ تحريڪ لبيڪ جي ارشاد جکراڻي جي فارمن تي پ پ جي اميدوار زرياب بجاراڻي اعتراض واريا، ٽنهي اميدوارن جي ٻيهر اسڪروٽني 28 تاريخ تي رکي وئي آهي. پي ايس 5 ڪنڌڪوٽ تي جي يو آءِ اميدوار مولانا راشد محمود سومرو ۽ حافظ ربنواز چاچڙ جا نامزدگي فارم منظور ٿي وياپ پ جي اميدوارن جي يو آءِ اميدوار جي فارمن تي اعتراض واريا ۽ آر او آفيس ۾ جي يو آءِ اميدوارن جي اسڪروٽني 3 ڪلاڪن تائين جاري رهي. آر او آفيس ۾ 3 ڪلاڪن جي اسڪروٽني بعد جي يو آءِ جي ٻنهي اميدوارن جو فارم منظور ڪيو ويو پي ايس 6 تنگواڻي ٽڪ تي جي يو آءِ جي ٻن اميدوارن تي پ پ اميدوارن اعتراض واريا پي ايس 6 تنگواڻي تي جي يو آءِ جي ٻن اميدوارن عبدالقيوم هاليجوي ۽ ڪفايت الله ڪوسو جي فارمن تي پ پ اميدوار زرياب بجاراڻي ملڪيتون ظاهر نه ڪرڻ جا اعتراض داخل ڪرايا. ان موقعي تي حافظ ڪفايت الله جو چوڻ هو ته پ پ اميدوار اسان مٿان آر او آفيس ۾ غلط بياني ڪئي اسان جي ڪابه ملڪيت اهڙي ناهي جو اسان ظاهر نه ڪئي. آر او آفيس ۾ پ پ جي مشينري آهي قانوني رستو اختيار ڪنداسين

29 بقايا ***

لونگين ۽ سنڌي ٽوپين جا تحفا ڏنا. ان موقعي تي مختلف تقريبن کي خطاب ڪندي اياز لطيف پليجي چيو ته جديد علم ۽ ٽيڪنالاجي کان سواءِ اڳيان نه ٿو وڌي سگهجي اسان ۽ ڊاڪٽرن کي جديد تحقيق ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو. سڌو پوندو ته ڇا سنڌ جون يونيورسٽيون جديد دنيا سان هم آهنگ آهن. سنڌ جي هر ضلعي کي جديد اسپتال ۽ وڏي يونيورسٽي جي ضرورت آهي، اياز لطيف پليجي چيو ته اسان جو تعليمي نصاب جديد. انسان دوست ۽ سائنسي هجڻ گهرجي. شاگرد مايوسي واري خيالي دنيا مان نڪري حقيقي سائنسي دنيا ۾ اچن شاگرد ملڪ ۾ تعليم، امن ۽ صحت لاءِ ڪردار ادا ڪن. سنڌ جي تعليم، صحت ۽ گورننس تباهه ٿي چڪي آهي نوجوان ملڪ ۾ ڪرپشن ۽ جهالت جو رستو روڪين. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي نگران حڪومت غير جانبدار ناهي. اهو گذريل حڪومت جو تسلسل آهي. سنڌي ماڻهو تبديلي جي ڳالهه ته تمام سٺي ڪندا آهن مگر جڏهن تبديلي اچڻ واري اليڪشن جو ٽائيم ايندو آهي ته پوءِ پاڻ سنڌ جي همدردن هٿ ڌرڪين کي ووٽ ڏيڻ بجاءِ ڪرپٽ، چور، ڀوتارن ۽ سنڌ جا وسيلا وڪڻندڙ پيپلزپارٽي، زرداري ٽولي کي ووٽ ڏئي سوپارو ڪري ايوانن تائين پهچائيندا آهيون پوءِ واري پنج سال رڙيون ڏانهون ڪندا آهيون ظالم حڪمرانن مهانگائي ڪري، بدامني جي ڪري اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪو اليڪشن ۾ غلط ووٽ ڏئي ٿو اهو پنهنجي تباهيءَ جو کڏو پاڻ کوٽي ٿو. سنڌ جو عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پنهنجا حقيقي نمائندا چونڊي نه سگهيو آهي حيرت جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي سمورن ڪرپٽ اميدوارن جا فارم قبول ڪيا ويا. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڪستان جي مسئلن جو حل روشن خيالي، احتساب ۽ غيرجانبدار پرڏيهي پاليسيءَ ۾ آهي سنڌ جي ترقي لاءِ تعصب ۽ ڪرپشن جو خاتمو ڪرڻو پوندو اقليتن ۽ عورتن جي تحفظ ۽

برابري ذريعي پاڪستان کي ڪامياب بڻائڻو آهي سنڌ کي سرداري قبيلائي نظام ۽ وڏيرا شاهي کان نجات ڏيارڻي آهي. سنڌ جي ضلعن ۾ گندو پاڻي ۽ نيڪال جو نظام بهتر ڪيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا پيا ٿين، سڄي سنڌ ۾ بدامني لاقانونيت ٻيهر وڌي وئي آهي آخرڪار حڪمران ڪهڙي مرض جي دوا آهن جيڪي عوام جون تڪليفون دور ڪندا قوم جو ڪو ڏڻي سائين ڪونهي سنڌي ماڻهن کي چئلينجن کي جرئتمندي سان منهن ڏيڻو پوندو. اياز لطيف پليجي چيو ته حڪمرانن کي عوام جي تڪليفن جي ڪا به پرواهه نه آهي غريبن تي تڪليفون اچڻ سان ڄڻ ڪرپٽ حڪمرانن جي لاٽري کليو وڃي جيئن اڳ آيل برساتي ٻوڏ دوران ٻاهرين ملڪن کان ملندڙ امداد حڪمرانن اصل حقدارن تائين پهچائڻ بجاءِ صرف پنهنجا پيٽ ڀريا عوام اڄ به دربدر آهي. پيپلزپارٽي چاهي ٿي ته افغانستان برمين ۽ ڪي آباد ڪيون جنهن سبب ٻاهرين لوڏ ايندي رهي ٿي ۽ انهن کي آساني سان سڃاڻپ ڪارڊ به ڏنا وڃن ٿا. اياز لطيف پليجو چيو ته سياست ۽ مستقل مزاجي سان هلڻ جي ڪري اسين هتي موجود آهيون ٻئي صورت ۾ اسان جو وجود ختم ٿي چڪو هجي ها اسان کي انتها پسندي جي آڙ ۾ گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي مگر اسان اهڙي گمراهه ڪندڙ انتها پسندي کي هميشه رد ڪيو آهي

30 بقايا ***

مزاحمت ڪئي وئي، پوليس ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس ٻوڏ متاثرن تي لاٺي چارج ڪري ڏني، شيلنگ ۽ هوائي فائرنگ، ڪيترائي متاثر زخمي ٿي پيا رهواسين جو چوڻ هو ته اسان ٻوڏ متاثر آهيون، سازش تحت اٿاريو پيو وڃي، اڳ به آپريشن ڪري اسان مٿان ڪيس داخل ڪيا ويا. انتظاميا جو چوڻ آهي ته سرڪاري زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن ڪيو آهي، قبضا خالي ڪيا وڃن، ڳوٺائن ٻڌايو ته ڪيو آهي. جڏهن ته سوشل ميڊيا تي هلي رهيو آهي ته آپريشن دوران 2 ڄڻا مارجي ويا آهن، زخمين مان ڪجھ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي

31 بقايا ***

تي ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي جي شروعات تي جسٽس ميان گل حسن پڇائو ڪيو ته اوهان جو ڪهڙو موقف آهي؟ ان تي وڪيل عثمان گل چيو ته ڳالهه اها آهي ته فرد جرم لاڳو ٿيڻ کان اڳ قانوني عمل مڪمل نه ڪيو ويو جج جو نوٽيفڪيشن پهرين ڊسمبر تي ٻڌايو ويو ۽ ٽرائل روزاني بنيادن تي هلي رهيو آهي. عدالت پڇائو ڪيو ته هن وقت تائين ڪيترين شاهدن جا بيان مڪمل ٿي چڪا آهن؟ وڪيل چيو ته ڪل 27 شاهدن مان 25 جا بيان قلمبند ٿي چڪا آهن ۽ ٽن ڄڻن تي جرح مڪمل ٿي چڪي آهي. ٻڌڻي دوران عمران خان جي وڪيل سائفر ٽرائل تي حڪم امتناعي جاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي. جنهن کي عدالت رد ڪندي چيو ته پهريان نوٽيس جاري ڪنداسين. عدالت سائفر ڪيس ۾ فرد جرم خلاف درخواست تي وفاقي حڪومت کي نوٽيس جاري ڪندي عمران خان جي وڪيل کي ايندڙ ٻڌڻي تي سمورا ضروري دستاويز پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ٻڌڻي دوران عدالت ان ڪئميرا ٽرائل تي به سوال اٿاريا ۽ چيو ته اوپن ٽرائل جو مطلب آهي اوپن جنهن ۾ ميڊيا ۽ عوام کي اچڻ جي اجازت هجي. عدالت چيو ته ان ڪئميرا ٽرائل جي حوالي سان عدالت واضح حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ته جيل ٽرائل جو مطلب ان ڪيمرا ناهي پر اهو اوپن ٽرائل به ٿي سگهي ٿو. ان کي رڳو خاندان ۽ چند ماڻهن سان گڏ اوپن ٽرائل نٿو چئي سگهجي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 11 جنوري تائين ملتوي ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت چيو ته ڪيس ۾ رڪارڊ ڪيل شاهدن جا بيان قانوني سوال آهن. جن تي عدالت 11 جنوري تي ٻڌڻي ڪندي.

32 بقايا ***

جو چوڻ هو ته ناري جي وارثن شروعاتي بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته اقرا کي سندس پٽ اڪبر سومرو ڪارتهن الزام هيٺ گوليون هڻي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي. ايس ايڇ او هو به ٻڌايو ته ناري جي قتل بعد ٻنهي ڌرين ۾ سخت ڇڪتاڻ به پيدا ٿي جنهن بعد انهن واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آڻي ورتوعلائقي ۾ افواهه آهن ته ناري کي قتل ڪرڻ دوران جوابدار پهرين پنهنجي مامي ۽ ٻين وارثن سان منهن ماري ڪئي ۽ انهن ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اقرا کي گوليون هڻي فرار ٿي ويوناري جو لاش ٻه 3 ڪلاڪ واقعي واري هنڌ پيل هو. پجاري پوليس ڇڪتاڻ دوران ڪجھ ماڻهن کي گرفتار ڪيو پر سندن گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي وئي. آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جوابدار بابت ٻڌايو پيو وڃي ته مقتول ناري سندس مامي جي ڌيءَ آهي

بقايا سنڌيار 01

۽ اندروني ترقياتي ڪم شروع ڪيا وڃن. هن اهي هدايتون خميس ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس دوران ڏنيون. اجلاس ۾ بلديات وارو وزير مبين جمائي، قانون وارو وزير عمر سومرو، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، بلديات وارو سيڪريٽري منظور شيخ، نائي وارو سيڪريٽري ڪاظم جتوئي، قانون وارو سيڪريٽري علي احمد بلوچ، ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت، ڊي جي ايم ڊي اي نسيم سهتو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. نگران وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ منظور شيخ ٻڌايو ته مليرڊولپمينٽ اٿارٽي جي تيسر ٽائون اسڪيم 45 ۾ گجر، محمود آباد ۽ اورنگي گٽر نالن جي 6500 متاثرن لاءِ 137.74 ايڪڙ ايراضي مختص ڪئي وئي آهي. سنڌ حڪومت هر هڪ متاثر فرد/خاندان کي 80 اسڪوائر گز جو پلاٽ ڏنو ويندو ۽ پلاٽ مالڪاڻي حق ۽ سمورن مسئلن کان پاڪ ڪري ڏيڻ سان گڏ تعميراتي خرچ پڻ متاثر ماڻهن کي ادا ڪيو ويندو. نگران وڏي وزيرايم ڊي اي کي هدايت ڪئي ته هو گٽر نالن جي متاثر ماڻهن لاءِ هائوسنگ اسڪيم جي بهتر ترقيءَ لاءِ آرڪيٽيڪٽ مقرر ڪري ته متاثر ماڻهن لاءِ هائوسنگ اسڪيم جي مناسب ترقي ٿي سگهي. هن ايم ڊي اي کي هدايت ڪئي ته هو هائوسنگ اسڪيم لاءِ پارڪ، راند جو ميدان، اسڪول ۽ مسجد تعمير ڪئي وڃي ۽ هائوسنگ اسڪيم کي گئس، پاڻي ۽ بجلي سميت سمورين سهولتون فراهم ڪيون وڃن. جسٽس (ر) مقبول باقر نائي کاتي کي هدايت ڪئي ته فنڊ جاري ڪيا وڃن ته جيئن هائوسنگ اسڪيم جي اندروني ۽ ٻيروني ترقي شروع ڪري سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته هو ذاتي طور تي علائقي جو دورو ڪندو ته جيئن ڪم جي معيار جوجائزو وٺي سگهي. نگران وڏي وزير ايم ڊي اي کي هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪم شروع ڪري 6 مهينن ۾ مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هن چيو ته متاثر ماڻهن کي آباد ڪرڻ ۾ اسان اڳئي دير ڪري چڪا آهيون ۽ هاڻي اهو ڪم جنگي بنيادن تي ٿيڻ گهرجي.

بقايا سنڌيار 02

فائرنگ ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار پوليس تي فائرنگ ڪندي جوابدار جو ٻيو ساٿي فرار ٿي ويو زخمي جوابدار جي سڃاڻپ ڪامران عرف ڪمو جي نالي سان ٿي جوابدارن جي قبضي مان هڪ 9ايم ايم ٽي ٽي پستول ۽ 125 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون. زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جوابدارن جي قبضي مان موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. جوابدارن جو ڪرمنل رڪارڊ به حاصل ڪيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

سيٽون حاصل ڪندا سين مائنس عمران بعد 9 مئي واقعي ۾ ملوث ڪنهن سان به اتحاد نٿو ڪري سگهجي ايم ڪيوايم سان اتحاد به ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي الطاف دي ايو سيئيت ٿيڻ بعد ڪيو هو پي ٽي آءِ وارا عمران خان ۽ 9 مئي واقعي ۾ ملوث عنصرن سان دي ايسوسيئيٽ ڪن ٿا ته اتحاد لاءِ سوچي سگهجي ٿو پيپلزپارٽي ڪنهن لاڏلي کي قبول نه ڪندي، عوام جنهن کي لاڏلو چوندي ان کي قبول ڪنداسين پيپلزپارٽي کان سواءِ ڪو به ڪلي ڪري اليڪشن جي ڳالهه نٿو ڪري ڪو سيڪيورٽي جو مسئلو ته ڪو موسم جو جواز جائتي رهيو آهي پيپلزپارٽي 90 ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائڻ جي ڳالهه ڪئي هئي

بقايا سنڌيار 04

، ريلي ڪڍي وئي. تفصيل موجب پرياٽو پرسان ڳوٺ شاهنواز خروس ۽ آس پاس جي مختلف ڳوٺ جي مسجدن ۽ مدرسن ۾ ديني تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن پاران سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي يوم وفات تي سرڪاري سطح تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ، ريلي مختلف ڳوٺن کان ٿيندي مين روڊ تي پهتي، ان موقعي تي مولانا الله نواز فاروقي ، مولانا زاهد حسين حقاني ، حافظ علي شير بلوچ ، محمد صديق بلوچ ، نجيب الله بلوچ، محمد شعبان بلوچ ، ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جو ملڪ پاڪستان اسلام جي نالي تي وجود ۾ آيو آهي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان جي ملڪ جا حڪمران صحابه اڪرام رضہ جي شهادت، وفات، جي ڏهاڙن تي ڪا به سرڪاري موڪل نٿا ڪن . ان موقعي تي هنن ملڪ جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته خلفاء راشدين رضہ جي ڏهاڙن تي سرڪاري سطح تي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي ۽ هنن ڏهاڙن تي سرڪاري سطح تي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي خاص پروگرام نشر ڪيا وڃن ۽ پاڪ هستين جي گستاخي جي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 05

موقعي تي ڪيس کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ پوري ملڪ جو عوام ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جا مرڪزي اڳواڻ پهتا جنهن سان ثابت ٿيو آهي ته عوام ب ب سان گڏ آهي هن چيو ته اسان به اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه،اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، ميئر سکر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ ٻين اڳواڻن جي قيادت ۾ سکر سوين گاڏين تي سوار ٿي محترمه بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري ڪيس کي خراج عقيدت پيش ڪيو، حضور بخش ميرائي وڌيڪ چيو ته هن اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ڀارتي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ بلاول ڀٽوزرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو.

بقايا سنڌيار 06

علي ملڪ عرف سرمد ملڪ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪورائي غلام مصطفي پنهور آزاد بلوچ علي اصغر جمالي حيدر ٻيرعزيز خاصخيلي آصف سومرو اياز جمالي محمد جمالي عمران پنهور سجاد پنهور دانش خشڪ ۽ ٻين سرمد سنڌي جي تصوير جي اڳيان ميڻ ٻتيون ٻاري ڪيس پيٽا پيش ڪندي چيو ته سرمد سنڌي جي گيتن ۾ سنڌ جو روح سمايل آهي جنهن ڪري اڄ تائين سرمد سنڌ ڪروڙين سنڌين جي دلين جي ڌڙڪن ۽ دماغ ۾ رهي ٿو ۽ سرمد سنڌي جهڙي شخصيت ڪڏهن به مرڻي ناهي ويس مٽائي ورتي آهي ۽ هميشه زنده آهي ۽ رهندو سنڌس گيت سنڌ جي قومي بقا لاءِ هميشه لاءِ ڪڏهن وقت ۾ ڪارگر آهن ۽ رهندا دادو ۾ سنڌ جي قومي راڳي سرمد سنڌي جي 27 ورسي تقريب سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي آفيس ۾ سرمد سنڌي يادگار ڪاميٽي پاران عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي.

بقايا سنڌيار 07

3جو چيئرمين آهي ۽ وچ بازار ۾ پنهنجي ذاتي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي پيو صاحب ستيا پال آهي جيڪو هڪ ڪان وڌيڪ رائس ملن جو مالڪ آهي جيڪو ڪشمور شهر ۾ پنهنجي گهر جو اڪيلو فرد آهي ۽ ڪشمور ۾ رهي ٿو ورنہ موصوف جي فيملي جا سڀ فرد انڊيا ۾ پڏاري ويا آهن. هاڻي اڄون ٽا اصل موضوع تي مون کي ان بنهي ماڻهن سان تفصيلي ملاقات جو موقعو ڪڏهن ميسر ناهي ٿيو پر ايترو ضرور پتو آهي جو ڪشمور جي بااثرن ۾ شمار ڪيا ٿا وڃن هاڻي فياض صاحب کي ڪير سمجهائي ته تنهنجي ڪهڙي مجال آهي جو تون اهڙي عظيم شخصيتن کان فيصلو گهرڻ جي جسارت ڪرين ٿو؟ جن کان اڄ تائين ادارن به پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي جرئت ٿي ناهي ڪئي. چيئرمين صاحب ڪشمور ٽائون ڪميٽي جي ڪروڙن جي بجيٽ هڙپ ڪرڻ ڪرائڻ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندڙ مهان انسان آهي ستيا پال مل اونر ايسوسيئيشن جو چڳو مڙس آهي فياض توڙي جو سچو آهي ته ڪڙو آهي چاڪاڻ جوان جو مقابلو هڪ ڪروڙ پتي ڊر سان آهي جنهن جي مال جي چمڪ تي سڀ خاموش ٿي ويهي رهندا اگر فياض تون به انهي ڪميونٽي مان هجين ها ته ڀوءِ توسان گڏ ڪشمور جو سمورو شعور آب و تاب سان موجود هجي ها پر افسوس جو تون ڪشمور جو هڪ سطحي ليول جو سماجي ڪارڪن آهين آخر تو مان ماڻهن کي ڪهڙو فائدو ملي سگهي ٿو اگر جان جي امان ۽ عزت سان ڪشمور ۾ وقت گذارڻ گهرين ٿو ته خاموشي جو روزو رکي پنهنجا چپ سبي ڇڏ ورنه ڪوڙن ڪيسن تهمتن، غير اخلاقي اعزازن ۽ الزامن لاءِ تيار ٿي وڃ ۽ ڪشمور جي نام نهاد شعور لاءِ صف ماتم وڇائي مرثيه خاني ڪندو رهه جتي تو جهڙن ستايل ماڻهن سان اهڙوئي سلوڪ ڪيو ٿو وڃي

بقايا سنڌيار 08

جي مدد لاءِ مختلف پروگرام ترتيب ڏنا ويا اجلاس ۾ فائونڊيشن جي ميمبرن شرڪت ڪئي انهي موقعي تي راجا ڪبيرو طرفان پنهنجون تجويزون پيش ڪيون ويون انهيءَ دوران ڪمال الدين راڄڙ چيو ته اسان همارا چيئرٽي فائونڊيشن جو بنياد انهي لاءِ رکيو آهي ته اسان انسانيت جي بغيرڪنهن جي ذات پات جي خدمت ڪري سگهون جڏهن ته ٻين ميمبرن روشن راڄڙ احمد خان چانڊيو خدابخش راڄڙ اعجاز شر ڏتي بخش راڄڙ نظام الدين راڄڙ حيات خاصخيلي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته اسان جي علائقي ۾ غربت سبب ڪيترائي بيمار پاڻ مرادو علاج نٿا ڪرائي سگهن اسان جي تنظيم اهو عهد ڪيو آهي ته بغير ڪنهن ذات پات يا ڪنهن مذهب ڪان هٽي ڪري غريب ماڻهن جي مدد ڪئي ويندي اسان جو عزم اهو آهي ته الله جي مخلوق جي خدمت ڪري سگهون انهي لاءِ اتي گڏ ٿيا آهيو ۽ انشاء الله اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿينداسين

بقايا سنڌيار 09

بئٽنگ ڪندي مقررا 8 اوورن ۾ 154 رنسون ناهيون جنهن ۾ عاقب، زيا آرائين بهترين بئٽنگ جو مظاهرو ڪيو ٽارگيٽ جو پيڇو ڪندي ٽائيگر ڪرڪيٽ ڪلب آخري اوور ۾ ٽارگيٽ پورو ڪري فائنل کٽي ورتو ٽائيگر ڪرڪيٽ طرفان سيد اسد شاهه بهترين بئٽنگ جو مظاهرو ڪندي 95 رنسون ناهي ٽاپ تي رهيو ٽورنامينٽ ۾ ڊاڪٽر سيد اختر حسين بخاري، سيد امين الحسن بخاري، سيد احسن بخاري، سيد انيس بخاري خصوصي طور شرڪت ڪئي ٽورنامينٽ ۾ مين آف دي ميچ، مين آف دي سيريز اسد شاهه، وقاص پٺاڻ کي ڏنو ويو جڏهن ته لائيو هلائڻ تي سلمان، اياز مير، اڪرم ٻڙدي، مهر عارف علي سيال کي انور حسين بخاري ايوارڊ ڏنو ويو جڏهن ته بهترين ڪمينٽيٽري ڪرڻ تي همٿ شيخ، شهزاد آرائين کي ميڊل ڏنا ويا جڏهن ته علائقي جي معززن عباس ڪبريو، ملڪ غفار، دائود پٺاڻ،آنديگرن کي انعام طور ڪيش پرائز ڏني ٽورنامينٽ جي رنرٽيم جي ڪپتان ضيا آرائين کي سيد امين الحسن بخاري 40 هزار ڪيش ڏنا، جڏهن ته ڪٽيندڙ ٽيم ڪپتان سيد زين بخاري کي ڊاڪٽر سيد اختر حسين بخاري هڪ لک ڪيش ۽ ٽرافي ڏني جڏهن ٽورنامينٽ جي ميڊيا ڪوريج نوجوان صحافي مرتضى منگي ڪئي.

بقايا سنڌيار 10

ڪنهن کي ٽڪيٽ ڏنيدو سکر جي پي ايس 25 تي بئريسٽر ويرم خان جو نامزدگي فارم منظور ٿي ويو اڳوڻي ايم پي اي پ پ اڳواڻ مرحوم حاجي انور خان مهر جو پٽ بئريسٽر ويرم خان پي ايس 25 تي فارم جمع ڪرايو آهي. بئريسٽر ويرم خان مهر بلاول ڀٽوزرداري مان ٽڪيٽ ملڻ جي اميد آهي2005 ۾ پي ايس 25 قائم ٿيو ان وقت شهيد بي بي والد حاجي انور مهر کي ٽڪيٽ ڏني جيڪو ڪامياب ٿيو هو پارٽي جو جيڪو فيصلو هوندو قبول هوندو. اميد ته ٽڪيٽ ملندي ۽ سکر جي پي ايس 25 تي ضلع ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه جو نامزدگي فارم منظور، ساڳي ٽڪ تي سنڌس والد سيد ناصر حسين شاهه جو نامزدگي فارم منظور ٿي ويو آهي، ضلع ڪائونسل جو چيئرمين اليڪشن وڙهي سگهي ٿو مان موڪل تي آهيان، اليڪشن ٽائين، سيد ڪميل حيدر شاهه اختر خان مهرضلع جو چيئرمين آهي

بقايا سنڌيار 11

